
رهيل چار ڳوڙها
شاعري
استاد پيرل قمبر

# رهيل چار ڳوڙها

(شاعري)

## استاد پيرل قمبر

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

Book No: 10

*** Rahyal Char Ghorha**
*** Poetry**
*** Ustad Peeral Kamber**
*** Composed by: Murk Publication**

رهيل چار ڳوڙها
(شاعري)
استاد پيرل قمبر
جنوري 2016ع
مرتب: عبدالله شاهه 'اطهر'_
جنيد علي سومرو
ڪمپوزنگ لي آئوٽ: مرڪ پبليڪيشن
ڪئليگرافي: پريتم قاضي
ڦوٽو اسڪيچ: مير اعجاز ٽالپر
ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

**Published by:**

**Murk Publication**
**Shahdadko**

ائڊريس: آفيس مرڪ پبليڪيشن
نئين آس مئگزين شهدادڪوٽ
***Murtaza.laghari9@gmail.com***
***Cell: 0300-5182494***

**ملهه: 200 روپيه**

ملڻ جا هنڌ:

پيتائي ڪتاب گهر حيدرآباد_ڪاٺياواڙ شاپ اردو بازار ڪراچي_
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو_مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو-
وسيم ڪتاب گهر شڪارپور_ عزيز ڪتاب گهر سکر_
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس_ پريتم قاضي نواب شاهه_
اسلام الدين سومرو رتوديرو_علي بابا رتوديرو_
ڪنول ڪتاب گهر قمبر_ اياز سومرو شهدادڪوٽ_
**مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ**

# ارپنا



استاد پيرل قمبر جي همسفر ۽ همنشين ۽
جنهن لاءِ ايئن چوان ته _
جڻ ٻه جسم هڪ روح هو ..!
سندس نندي ياءَ ۽
منهنجي نانا سائين
مرحوم بابا مولا بخش سومري جي نانءُ ۽
جنهن جي اڻٿڪ ڪوششن ۽ ڪاوشن ۽
منهنجي پوري فيمليءَ کي پالي تاتي
پنهنجي منزل ڏانهن اسهڻ جو اتساهه ڏنو .

جنيد علي سومرو

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”رهيل چار ڳوڙها“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب سنڌ جي ناميا ري شاعر **استاد پيرل قمبر** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

’استاد پيرل قمبر‘ شاعري جي انهن سيني صنفن تي شعر سرجيا جيڪي سندس دؤر ۾ تمام اهميت جوڳيون صنفون هيون. جن ۾ غزل، گيت، وايون، ڪافيون، نظم، سري فهرست آهن. سندس غزل ٻه علمِ عروض ڪان وني موسيقيت جي موج ۾ مست نظر اچن ٿا، جن ۾ سنڌي مهاورا، چوٽيون، پهاڪا، (جيڪي ان دؤر ۾ تہ معنیٰ خيز هئا پر اڄ ٻه ڪارائتا آهن) سي تمام سادي ۽ سُني لهجي ۾ سمايل آهن. هو فن، فڪر، آرٽ سان گڏو گڏ ان وقت جي حالات اٿيئن، ويهٽين توڙي سماجي براين ڏاڍن جي ڏنگاين توڙي ريتن رسمن جي پلي پت چاڻ رڪندڙ هو، تڏهن تہ اهي سڀ حقيقتون پنهنجي شعر ۾ اوتي ڇڏيائين.

هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ســـتـــاءُ


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر نوٽ | مرتضيٰ لغاري | 07 |
| مهاڳ: | جامي چانڊيو | 10 |
| بابا سائين پيرل قمبر | جنيد علي سومرو | 24 |


# شاعري


**حمد**

**نعت**

**مرثيو**

**غزل**

**گيت**

وايون

ڪافيون

چوسٽا

بيت

مسدس

**اردو غزل**

# پبلشر نوٽ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ استاد شاعرن منجهان ڪجهہ اهڙا شاعر بہ ٿي گذريا آهن جن جي شاعري کي عوامي شاعري چيو وڃي ٿو. انهن نامورن شاعرن ۾ ’استاد پيرل قمبر‘ جو نانءُ پڻ نمايان نظر اچي ٿو. ’استاد پيرل قمبر‘ جي شاعري ۾ ٻوليءَ جو استعمال، اهڙي عوامي لهجي ۾ ٿيل آهي جنهن کي هر عام ماڻهو بہ آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. هو پنهنجي ذاتي زندگي ۾ جهڙي ريت سادو، سچو ۽ کرو ماڻهو هو، اهڙي ريت سندس شاعري ۾ پڻ تمام بهترين، سادا، سلوڻا ۽ خوبصورت احساس قلم بند ڪيائين.

’استاد پيرل قمبر‘ شاعري جي تمام انهن صنفن تي شعر سرجيا جيڪي سندس دؤر ۾ تمام اهميت جوڳيون صنفون هيون. جن ۾ غزل، گيت، وايون، ڪافيون، نظم، سري فهرست آهن. سندس غزل بہ علمِ عروض کان وٺي موسيقيت جي موج ۾ مست نظر اچن ٿا، جن ۾ سنڌي مهاورا، چوڻيون، پهاڪا، (جيڪي ان دؤر ۾ تہ معنيٰ خيز هئا پر اڄ بہ ڪارائتا آهن) سي تمام سادي ۽ سُٺي لهجي ۾ سمايل آهن. هو فن، فڪر، آرٽ سان گڏو گڏ ان وقت جي حالات اٿڻين، ويهڻين توڙي سماجي برابرين ڏاڍن جي ڏنگاين توڙي ريتن رسمن جي پيلي پٽ چاڻ رکندڙ هو، تڏهن تہ اهي سڀ حقيقتون پنهنجي شعر ۾ اوتي ڇڏيائين. تنهن کان سوا سندس رومئنٽڪ انداز ۾ بہ غذب جا شعر لکيل آهن جن ۾ ليلا مجنون، سهڻي ميهار، يوسف ذوليخان، کان ويندي شيرين فرهاد، توڙي ٻين سيني عاشقن جا ڪردار پنهنجي شعر ۾ ڪلاسيڪل انداز سان سنياري ڪڻي هليو. استاد پيرل قمبر پنهنجي اندر جي آدمي سان ٿيل جائز ناجائز يا فتري وارداتن کي بہ سُٺي نموني سٽائڻ جو سگهارو شاعر نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سندس اسلوب اڄ بہ تازو پيانسجي ٿو. شعر سرجڻ جي ٽيڪنڪ اهڙي ڪامياب جو هو هر وقت جو شاعر محسوس ٿي رهيو آهي.

سندس ڪجهہ غزل تہ غزل جي فارميٽ ۾ اهڙا سگهارا ۽ ڀرپور آهن جو شيخ اياز ٿو ياد اچي وڃي، اهڙي طرح ڪجهہ گيت موسيقيت جي رنگ ۾ اهڙا

رچيل آهن جو استاد بخاري ٿو ياد اچي وڃي. اهڙي ريت سنڌي موسيقي جي نامور ۽ ڪلاسيڪل گلوڪارن پڻ تمام جهجها گيت پنهنجي پنهنجي انداز ۾ رڪارڊ ڪيا. جيڪي اڄ تائين مقبول رهيا آهن.

استاد پيرل قمبر جي شعر ۾ موسيقيت ۽ جماليات جو جاندار ۽ سپاويڪ لهجو ٻڌي ۽ ڏسي ڪيئي سنڌي فلمن جا ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر اچي ڪيس ڳولي لهندا هئا تہ هو سندن فلمن لاءِ بہ گيت لکي، انهن جي اهڙي اسرار تي استاد پيرل قمبر سنڌي فلمن لاءِ پڻ تمام شاندار گيت لکيا جيڪي انهن فلمن جي نالن وانگر مقبول آهن.

استاد پيرل جا شاعري جي تمام صنفن تي آڏاريل هزارن جي تعداد ۾ شعر، جن کي استاد پنهنجي زندگي ۾ بہ نہ سهيڙيو تہ سندس وفات کان پوءِ بہ وارثي نہ ٿيڻ ڪري ڪجھ چوري بہ ٿي ويا تہ ڪي اڳتي پوئتي ٿي دنيا جي ناگواره ڌوڙ ۾ دفن ٿي ويا. پر جيڪا شاعري ڪن انهن ماڻهن کي هٿ آئي جن جي دل ۾ ٿورڙي بہ استاد لاءِ محبت هئي يا انهن ان مواد کي تاريخي ڪم سمجهو تن پنهنجي پنهنجي وس ۽ وِت آهر ڇپرائي، جنهن جي نتيجي ۾ استاد پيرل قمبر جا پهريان بہ بہ شاعري جا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. اهڙي ريت هي استاد پيرل جي شاعري جو ٽيون ڪتاب ”رهيل چار ڳوڙها“ بہ اوهان جي هٿن تائين رسائي ڪري ٿو.

استاد پيرل جي شاعري مان چند اهڙا شعر بہ هن ڪتاب ۾ شامل آهن جيڪي پهرين بہ ڇپيل آهن پر انهن شعرن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ جو سبب اهو هيو تہ انهن شعرن کي گهرجن پٽاندڙ، پنهنجي اصلي فارميٽ ۾ پيش ڪجي (جيئن استاد جا هٿ اکر لکيل هئا) تہ جيئن استاد پيرل قمبر جو فن ۽ فڪر اڌورو نہ رهجي وڃي. ڇو تہ هن پيري سندس پراڻن هٿ اکر لکيل ٻُڪن ۾ شاعري جي چونڊ ڪئيسين تہ ان ۾ انهن شعرن جو نقشو ڪجھ پيو هيو، يا تہ اهي پهرين ٿورن بندن تي مشتمل هئا. جڏهن تہ اجان وڌيڪ بند بہ پين ٻُڪن مان مليا ان ڪري ڪين حقيقي رنگ روپ ۾ شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيهر شامل ڪيو ويو آهي.

”رهيل چار ڳوڙها“ ڪتاب ۾ حمد، نعتون، مرثيا، وايون، ڪافيون، بيت، چئوسٽا، غزل ۽ گيت شامل آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌي سان گڏ سرائيڪي گيتن جو جهجهو تعداد بہ شامل آهي تہ ڪجھ اردو غزل پڻ شامل آهن. ان حوالي سان هي ڪتاب استاد جي پهرين شاعري جي ٻن ڪتابن کان منفرد آهي.

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ پاران استاد پيرل قمبر جي شاعري جو ٽيون ڪتاب ”رهيل چار ڳوڙها“ پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي خوشي ٿي رهي آهي، ڇو تہ اهو فرض هيو جيڪو پورو ڪجي ٿو ۽ استاد پيرل قمبر جو اسان تي قرض پڻ! جيڪو دل سان لاهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

**مرتضيٰ لغاري**

شهدادڪوٽ

Cell: 0300-5182494 0300-3429326

مهاڳ

# شعريت جي مٽيءَ مان ڳوهيل يگانو ماڻهو!

مون جڏهن پنهنجي شعوري اک کولي تہ منهنجو شهر ۽ هاڻي شايد اهو چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ ’وچائجي ويل شهر‘ قمبر ادبي ۽ سياسي لحاظ کان هڪ بيحد متحرڪ شهر هو. منهنجي مزاج ۾ بہ ئي لاڙا هئا، سو مون ٻنهي لاڙن جو وڏو اثر قبول ڪيو. 1974ع ۾ مان قمبر تعلقي جي علي خان پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس ۽ 1977ع ۾ هڪ شخص ڪجهہ وقت لاءِ اسان جو ڪلاس ٽيچر ٿيو، جنهن کي پهرين درجي کان اسڪول ۾ هڪ استاد طور ڏسندو هئس. هو سڀني استادن کان منفرد ۽ غيررواجي لڳندو هو. هن جو اچڻ، وڃڻ، هلڻ، ڳالهائڻ ۽ مجموعي شخصيت ٻين کان گهڻو مختلف هئي. مون کي سندس ڪابہ خبر نہ هئي تہ هو ڪير آهي، بس رڳو ايتري خبر هئي تہ هو اسڪول جو استاد ۽ شخصيت ۾ ٻين کان الڳ ٿلهڳ ڪو انوکو ماڻهو هو. اسان جو ڪلاس استاد سائين محمد مٺل هنن کي ناپسند ڪندو هو ۽ هن کي اسڪول جي ورانڊي ۾ ايندو ويندو ڏسي پيو مُنهن ٺاهيندو هو. شام جو اسان ڪجهہ دوست سائين محمد مٺل جي گهر ٽيوشن پڙهڻ ويندا هئاسين. هڪ ڀيري مون پنهنجي دلي تجسس جي احساس وچان سائين محمد مٺل کان هن ”عجيب استاد“ بابت پڇيو تہ هن جو جواب هو، ”اِهو شاعر آ. هن سان نہ ملجو. واندو آهي ۽ ڪنهن ڪم جو ماڻهو ناهي.“ اُن زماني ۾ تہ مان هڪ ٻار هئس پر اڳتي هلي جڏهن هن ”عجيب شخص“ سان واقفيت ٿي ۽ پاڻ ادب جي دنيا ۾ پير پاتم تہ خبر پئي تہ اِهو هڪ فرد جو فرد ڏاهن شخصي رويو نہ پر هڪ پسمانده سماج جو هڪ تخليقي شعبي ۽ تخليقڪار ڏانهن رويو هو. اڳتي هلي اُهو شخص 1977ع ۾ ڪجهہ وقت لاءِ اسان جو ڪلاس استاد ٿيو. پڙهائڻ ۾ هڪ ڀلو استاد، ٻارن سان شفقت، باقي استادن سان ڳالهہ ڳالهہ تي چڙيو پوي. سندس خاص سڃاڻپ هئي هر وقت چانهہ پيئڻ، پانيان ٿو تہ سڄي پگهار چانهہ تي خرچ ڪندو هو. مٿان وري معصوم اهڙو جو ٻيا استاد ۽ خاص طور فتاح چاڪي لِڪي ان گرم چانهہ مان ڪجهہ چُسڪيون ڀري پوءِ ان ۾ پاڻي وجهي

ڪيس ڏيندا هئا ۽ پوءِ استاد پيرل جو سچو ڏينهن چانهه واري سان جهيڙو هوندو هو تہ چانهہ ناري ٿو موڪلين ۽ مزو بہ ڪونهيس، اِهو لقاءُ مون سالن جا سال اسڪول ۾ ڏٺو. اهو فقيرمنش شخص هو سنڌ جو غزل جو استاد شاعر سائين "استاد پيرل قمبر". مون بہ چوٿين درجي کان ڪَچا ڦِڪا شعر لکڻ شروع ڪيا ۽ اُنهن جي اصلاح بابا (پروفيسر عبدالحئي چانڊيو) کان ڪرائيندو هئس، جنهن مون کي علم عروض ۽ علم بديع و بيان سيکاريو. مون اُهي شعر سائين پيرل قمبر کي ڏيکارڻ شروع ڪيا تہ هو مون کي وڏيڪ پائنٽ لکڻ ۽ تاڪيد ڪندو هو تہ مان ڪيس پنهنجا شعر ڏيکاريان. ايئن استاد پيرل سان هڪ رسمي ۽ ادبي شاگرد طور لاڳاپو شروع ٿيو، جيڪو ساڻس سندس زندگيءَ جي آخر تائين رهيو.

استاد پيرل پنهنجي شخصيت، سوچ ۽ زندگيءَ ڏانهن رويي ۾ هڪ مڪمل مست الست قسم جو ماڻهو ۽ چوويهہ ڪلاڪ شاعر هو. شاعري هن جي زندگي، محبت، ڪارج، سياءُ مطلب تہ سڀ ڪجهہ هو. ماڻهو شاعري ڪندا آهن، هو شاعري سوچيندو هو، شاعري محسوس ڪندو هو، شاعريءَ سان گفتگو ڪندو هو، شاعريءَ کي پاليندو هو، شاعريءَ سان رهاڻيون ڪندو هو، شاعريءَ سان انگل ۽ آرا ڪندو هو، شاعريءَ سان هن جون پٽيهہ دليون هونديون هيون، اُن ڪري شاعريءَ سان هو انيڪ فني تجربن ۽ ترڪيبن جون حُجتون ڪندو هو. اُستاد پيرل جو وجود سراپا شاعري هو، هو هڪ اهڙو معصوم صفت تخليقڪار هو، جنهن جي سموري ڪائنات شاعري هئي. هو شاعريءَ کي دريافت ڪندو هو، ڏينهن رات ان جي ڳولا ڪندو هو ۽ ان کي انيڪ رنگن ۾ تخليق ڪندو هو. هو شاعريءَ کي شاعريءَ تي آشڪار ڪندو هو. هن جي شاعري، شاعريءَ کي داد ڏيندي هئي ۽ هو اڪيلائين ۾ ان جو شاهد هوندو هو. اُن ڪري استاد پيرل ۽ شاعريءَ کي هڪٻئي کان جدا نہ ٿو ڪري سگهجي. شاعري هن جو روح هئي، هن جي اندر جو لباس هئي. هيءُ فقير طبع مست الست شاعر دل جو بادشاهہ هو، وڏيءَ آنا ۽ خودداريءَ وارو هو پر دل جي بارگاهہ ۾ سدائين نماءُ هوندو هوس. هن پنهنجي لاءِ ئي چيو آهي تہ:

**اي "پيرل" آ هر ڪنهن جي قسمت جي بازي،**
**جتي سِرُ هو جهُڪڻو، جهُڪائي وياسين.**

هن جو سِر ڪنهن بہ حڪمران آڏو نہ جهُڪيو، زندگيءَ جي بي رحمين آڏو نہ جهُڪيو، پر شاعريءَ آڏو هن جو روح سراپا سربسجود هو ۽ اهو ئي هن جو تعارف هو. اُستاد پيرل هن جهانَ کي ٻِيُر سان پيٽَ ڏني، ايئن ئي جيئن هن جو محبوب شاعر غالب دنيا کي ”بازيچہءِ اطفال“ يعني ٻارن جي راند سمجهندو هو ۽ ڇا تہ ان رمزِ تعليءَ جو خوبصورت استعمال ڪيو هئائين:

**”پيرل تہ وئي وفا هلي هاڻي ڪيان بہ ڇا،**
**مان پير وانگي ڏوڻيان ڇا ٻيرن جي ڏارَ کي.“**

استاد پيرل جو اصل نالو پير محمد هو، جنهن جو جنم 17هين جولاءِ 1933ع تي ميرو خان تعلقي جي ڳوٺ بٺي ۾ ٿيو. سندس والد امام بخش سومرو پنهنجي ذات جي پراڻي ڪِرت موجب ڪَتِڪو ڪم ڪندو هو. ڇيو وڃي ٿو تہ استاد پيرل سنڌي فائنل ۽ ٽي درجا انگريزيءَ جا پڙهڻ ڪانپوءِ پنهنجي پيءُ سان قمبر ۾ رهڻ لڳو ۽ 1953ع ۾ قمبر ۾ استاد مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ مستقل طور قمبر ۾ رهائش اختيار ڪيائين. جيتوڻيڪ هو زندگيءَ جا آخري ڪيترائي سال شهدادڪوٽ ۾ وڃي رهيو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين پر قمبر سان سندس دل هئي جو هن پنهنجي جواني سموري قمبر کي ارپي هئي ۽ هن جي عاشقين جا سمورا قصا بہ قمبر سان وابستہ رهيا، جنهن جو اظهار هو پنهنجن شعرن ۾ هميشہ ڪندو رهيو. جنهن شهر ۾ ماڻهوءَ جي جواني گذري، ان کي ماڻهو ڪيئن ٿو وساري سگهي ۽ اُهو بہ استاد پيرل جهڙو عشاق. مثال طور هو قمبر سان پنهنجي والهانہ اُنسيت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

**شهر پنهنجي سان لڳن هي دل، اکيون ۽ پيرَ هٿَ،**
**شهر جو منهنجي سڄڻ جو، اُن شهر سان سِرُ لڳي،**
**پيا بہ آهن شهر سوَ پي، سي اکين تي يار پر،**
**مان ئي هان پيرل قمبر، منهنجو قمبر سان سِرُ لڳي.**

استاد پيرل جنهن ڇيو هو تہ:

**ڇني سگهبا تہ اي ”پيرل“ ڦاڙن جا بہ سينا پر،**
**ننڍڙي جي نينهن جا ناتا، ڇنڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.**

يا هو ٻئي هنڌ وري چوي ٿو، جنهن جو ذڪر رياضت ٻُرڙي هينئن ڪيو آهي:

”ساڳيءَ ريت استاد ’پيرل قمبر‘ جي محبت، قمبر کان پوءِ شهدادڪوٽ شهر سان بہ ٿِي، جڏهن هُو اُتي وڃي رهيو ءِ شهدادڪوٽين سان سندس اُٺاويتي ٿِي. ان بعد هُن شهدادڪوٽ جي شانَ ۾ پڻ شعر سِرجيا. خاص طور ”اُڱهاڙا پير ٽانڊن تي“ ڪتاب ۾، صحفي 112 کان 114 تائين، 24 شعرن تي جُڙيل مسلسل غزلَ نمايان آهي، جنهن ۾ هن ڪيترين ئي شخصيتن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. هتي ان غززل جا ٻہ شعر پيش ڪجن ٿا:

**شهدادڪوٽ کي مون پنهنجو گهر چئي ڏنو،**
**ڪَتيون، قمر ءِ ڪهڪشان اختر چئي ڏنو.**

*

**ڊرامن ءِ ڪچهري ڪري شهدادڪوٽ کي،**
**مون سونو ڪوٽ، چاندي سندو در چئي ڏنو.**

پر ان غزل جي مقطع ۾، استاد ’پيرل قمبر‘ وري بہ قمبر شهر جي ئي ڳالهہ ڪئي آهي:

**ماڻهن پڇيو! شهر پيو ڪهڙو عزيز اٿئي،**
**شاعر ”قمبر پيرل“ مون ’قمبر‘ چئي ڏنو.**

(ڪتاب: پيرل قمبر تخليقڪارن جي آئيني ۾ مرتب: ڪوڙل قربدار، صفحو: 16)

استاد پيرل جڏهن 1950ع ۾ قمبر ۾ اچي وينو تہ اُهو زمانو قمبر، لاڙڪاڻي ضلعي توڙي سڄيءَ سنڌ ۾ طرحي مشاعرن جو هو ءِ استاد پيرل اُنهن ۾ نہ رڳو ويندو هو ءِ اُتي سندس بنيادي فني تربيت ٿي پر هن پاڻ بہ اڳتي هلي اُنهن مشاعرن ۾ پاڻ ملهايو.. طرحي مشاعرن ۾ جيتوڻيڪ روايتي شاعري گهڻي ٿيندي هئي پر استاد پيرل جو اُن ۾ بہ پنهنجو منفرد انداز هو، مثال طور ضياءُ الحق جي آمريتي دور ۾ 1978ع ۾ لطيف ادبي سنگت رتي ديري طرفان جشن لطيف ملهايو ويو، جنهن موقعي تي آل سنڌ لطيفي مشاعري ۾ طرح ڏني وئي، **”لطيفي لات جي جهر جهنگ ۾ جهُونگار جاري آ“**، استاد بخاري بہ اُن مشاعري ۾ شريڪ ٿيو ءِ سڄيءَ سنڌ مان شاعر اچي شريڪ ٿيا، پر اُن موقعي تي استاد پيرل جي شعرن مشاعري کي مست ڪري ڇڏيو. جنهن تي مشاعري جي صدارت ڪندڙ سائين عطا محمد حامي ءِ استاد بخاريءَ سميت سمورن شاعرن کيس وڏو داد ڏنو. جنهن جا اُنهن مان چند شعر هي آهن:

نہ کو تارو نہ ٽانڊاٽو نہ ڪنهن تيلي ڪا ٻاري آ،
ڏسان هر طرف ٿو جاڙي رڳو اوندهہ انڌاري آ،
ٻُڌايان حال دل ڪهڙو، اها دل درد ماري آ،
ڪٽي ڪجهہ لفظ مرشد جا، اسان ٻيي لاٽ ٻاري آ،
”لطيفي لاٽ جي جهر جهنگ ۾ جهونگار جاري آ“،

*

وطن محبوب تي ڇانيل، ڏسو ٿا رات ڪاري آ،
الائي ڪنهن وڄهي ڪانيون، ڇٽنگ مان ٻاهہ ٻاري آ،
نہ ڪو مزدور خوش آهي، نہ ڪو خوش حال هاري آ،
مگر پو ٻيي جوان جذبا، اسان همت نہ هاري آ،
”لطيفي لاٽ جي جهر جهنگ ۾ جهونگار جاري آ“،

*

استاد پيرل پنهنجي مزاج ۾ هڪ باغيانہ ماڻهو هو. اهو هٺيلو مزاج هن جي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ هميشہ رهيو، سندس سماجي خيال بہ اهڙا هئا، ان جا عڪس ۽ لاڙا سندس شاعريءَ ۾ بہ پسي سگهجن ٿا.

چوي ٿو:

پٿر جو بُت رکي آڏو چيئين تہ سجدو ڪر!
خدا ئي ڇاٽي تہ ڪهڙو خدا ڏئي ويو مون کي.

بظاهر هڪ نِهِنِي ۽ مست الست شاعر جو هيءُ هٺيلو خيال ڏسو:

لَٽِ تي گهُمان، نہ پوءِ بہ ڪيان دل لڳيءَ ڪان دنگ مان،
”پيرل قمبر“ نہ مون کي ڪو توبهہ جو تجربو آ.

*

سدائين سچ مان چوان، سچ چوڻ آ سرويچي،
وچي هي ڪنجي بدن، ڪنجي پر زبان نہ وچي.

*

مسجد جي در ڪان ٿيندو، وڃان ٿو صنم جي در،
اڄ سجدو هي خدا جو قضا ٿو ڪري وٺان.

هن جي صوفياڻي خيال جو هيءُ رنگ ۾ اظهار ڏسو:

چو ڏيارين ٿو هي مندر ٻيلا مسجد جا چڪر،
اسان محبت ۾ ڪو مذهب نہ ڌرم رکون ٿا.

*

**خاڪ آ هو ڇو چوان، نمرود ڪي يارو خدا،**
**جو خدا سڀ جو خدا، مون ڪي خدا اهڙو ڪپي.**

.....

**وچڙيو آ ڪنهن طريقي سان، آدم جو هي اولاد،**
**مسجد ۾ رهجي ويا ڪي مندر ۾ رهجي ويا.**

هونئن تہ شاعري شاعر جي انيڪ خيالن، ڪيفيتن، احساسن، مشاهدن ۽ زندگيءَ جي تجربن جو نِچوڙ هوندي آهي، پر استاد پيرل قمبر تي رومانوي شاعريءَ جو رنگ وڌيڪ حاوي هو. هن جي رومانويت گهڻي ڀاڱي روايتي آهي، پر اُن ۾ بہ هن جي شاعراڻي ذات ۽ احساس جي تازگي ۽ شائستگي هن جي اظهار کي انفراديت جو رنگ بخشين ٿيون. چوي ٿو:

**”پيرل قمبر“ ڪي تون ڪري ڇڏ مفت ۾ خريد،**
**مِٽيءَ جي بُت جي توڪان مان کهڙي ٻها وٺان.**

*

**غير سان ڪر آبِ ڪوثر جو بيان،**
**مون سان تون پنهنجي پگهر جي ڳالهہ ڪر.**

*

**نہ ڪڻ اکيون مان ادا ڪي قضا ڇئي نہ وڃان،**
**دوا کي زهر، زهر کي دوا ڇئي نہ وڃان،**
**بغير پردي نہ مستن جي آ تون محفل ۾،**
**مٽيءَ جي بُت کي مبادا، خدا ڇئي نہ وڃان.**

*

**تو بُت جي بندگيءَ ۾ جو محبوب آ مزو،**
**مون کي نظر ۾ ڀي ڪا عبادت نہ ٿي ملي.**

*

**گلشن ۾ وڃي هي تون، زلفن کي نہ ڦيرائج،**
**ڪنڊن جي ڀي ڇُهنبن تي سئو گئونچ ڦُٽي پوندا!**

*

**جهل تون رُخسار جو تِرُ، ڪاڏي مکي مان ئي وڃان،**
**حجر اسود آ هتي، هتڙي هجڻ جي بدران.**

*

**رُخ تان ايئن نہ تون ڪر پردو پري پري،**
**ويندس مري مان سِڪَ جا سجدا ڪري ڪري.**

## رهيل چار ڳوڙها : استاد پيرل قمبر

استاد پيرل پنهنجي رومانوي شاعرانہ مزاج سبب جيتوڻيڪ گهڻي ڀاڱي غزل جي صنف ۾ لکيو. سندس شاگرد ۽ خود استاد شاعر سرمد چانڊيي هن جي غزل جي مهارت تي ڪيس داد ڏيندي لکيو تہ:

”استاد پيرل قمبر متضاد غزل جي پيشڪش جو باد شاهہ هو، استاد جي غزل جو معراج متضاد تخيل آهي.

**چنڊ جي تون روشني سان جهول ڀر،**
**مون ڪي ڀڪ ۾ يار! ٽانڊاڻو تہ ڏي!**

يا

**ويڄن جو در وٺان يا تنهنجي خاڪ پا وٺان!**
**هن درد نامراد جي ڪنهن کان دوا وٺان؟**
**منهنجي مٿي تي گر هجي خودمختياري تاج،**
**سارو لُٽي خزانو مان اک جي ادا وٺان.**
**هر آدمي جي دل ٿو ڏسان آهي داغ داغ!**
**ڪنهن سان مٽائي پنهنجي مان قسمت قضا وٺان!**
**اهڙو تہ ڪاروبار ڪڏهن مون نہ ڏٺو۔ ڪيو،**
**وِڪڻي ٿنا ڀِر جي مان، گهر جي گِلا وٺان!**
**جنهن کي خوشي سان دوستو! پالي نہ مان سگهان،**
**زلفن جو وٺان نانگ يا اک جي بلا وٺان!**
**اڳ ۾ اکيون ملائي مان پارت ٿو پو ڪيان،**
**هڪ وقت ۾ ٿو درد ۽ ان جي دوا وٺان!**
**”پيرل قمبر“ کي تون ڪري ڇڏ مفت ۾ خريد!**
**مِٽي جي بُت جي توکان مان ڪهڙي بها وٺان!**

استاد پيرل قمبر جو متضاد تخيل، سنڌ ۾ ڪن ٿورن شاعرن کي نصيب ٿيو هوندو. [1]

هن غزل ۾ انيڪ تجربا پڻ ڪيا، ننڍي کان ننڍو بحر ۽ طويل ترين بحر استاد پيرل جي غزلن ۾ ملن ٿا. ننڍي بحر ۾ ايندو تہ هھڙو حَسين اظهار ڪندو:

**رات ڪيڏي بہ ڏيندو قسمت ۾،**
**ڪري سجدو وري سحر ايندو.**

يا وري سندس هيءُ شعر ڏسو:

**مون کي سُڌِ آ، سنڌ کي سنڌي،**
**پڪ مجيندا ماتا هوندا.**

وري جي ڏکِي بحر تي ايندو تہ بہ هن جو اظهار منفرد. مثال طور:

**يا تہ تيرِ نظر ڏي نظر ۾ ڏِکي يا تہ پردي ڏِکڻ جو تون انجام ڪر،**
**ڪيئي محفل ۾ عاشق مري ٿا مرن، بند بحرِ خدا تون قتلِ عام ڪر.**

استاد پيرل جي عاشقيءَ ۾ مجاز جي دنيا ۾ رڳو هن جا محبوب ۾ رومانوي تصور نہ هئا پر اُن ۾ سنڌ بہ سدائين موجود رهي. سنڌي شاعري هجي ۾ اُن ۾ ”سنڌ“ استعاري، محور ۾ محبت جو موضوع نہ هجي! اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ ۾ سو بہ وري استاد پيرل جهڙي باڪمال شاعر ۾! هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ سان عاشقيءَ جي اظهار جا رنگ ڏسو:

**اي سنڌ! تنهنجو ڪين ڪڏهن در ڇڏي ڏبو،**
**تنهنجو نہ ڇڏبو ساٿ، پنهنجو سِر ڇڏي ڏبو.**
**مونث هجون يا مذڪر توسان هي قول آ،**
**آواز تو ڏنو تہ، وَني وَر ڇڏي ڏبو.**

ورهاڱي جا وَڍَ سدائين استاد پيرل جي روح جا چاڪ چڪائيندا هئا. سنڌي هندن جي سنڌ مان لڏي وڃڻ تي ڇا تہ هن جو روح تڙپيو آ، چوي ٿو:

**تون سنڌي ٿي ٿو سنڌ ڇڏين،**
**تون ڪاتي ٿي ٿو ڪنڌ ڇڏين،**
**تون راندي ٿي ٿو رند ڇڏين،**
**تون مئڪش ٿي ٿو منڌ ڇڏين،**
**مان تولاءِ تاڪ نہ ڪوليندس،**
**مان پيجل پيو ڪو ڳوليندس.**

يا وري هي اظهار ڏسو:

**مان تولئہ پاڻ نہ روليندس،**
**مان پيجل پيو ڪو ڳوليندس،**
**مان آڱر نہ ٻڏندس اڱڙيءَ ۾،**
**مان لعل نہ ٻڏندس لغڙيءَ ۾،**
**مان پيار نہ ٻڏندس پڳڙيءَ ۾،**
**مان گيدي نہ سهندس سنڌڙيءَ ۾،**

مان سورهيہ پڙ ڏي سوريندس،

...

پل ”پيرل“ کوہ ويس ڏيو،
پر ويس ۾ ڪٽيون ڪيس ڏيو،
پيو لبن تي ڪوڙ لبيس ڏيو،
او سنگدل سنڌو ديس ڏيو،
مان ٻول نہ پيا ڪي ٻوليندس،
مان پيجل پيو ڪو ڳوليندس.

*

سنڌ سان هن جي محبت بہ الستي هئي، چوي ٿو:

غلاميءَ جو هو ڪو نہ ٿيندو، نہ ٿيندو،
ڪتي لوھ هلڪو نہ ٿيندو، نہ ٿيندو،
صدق سان نهاريو پنهنجي سنڌڙيءَ ڏي،
اهو ڪنڌ ڪو ڪو نہ ٿيندو نہ ٿيندو.

*

خزان جي پنن جان نہ ڇڻجو نہ ڇڻجو،
شهادت ۾ سِر ڪي نہ ڳڻجو نہ ڳڻجو،
متان پنهنجي سنڌ ڪي وساري بہ ويهو،
اهو لعنتاٽو نہ ڪڻجو نہ ڪڻجو.

استاد پيرل جو پنهنجو تعلق هڪ غريب گهر سان هو، هو پاڻ بہ ان طبقي منجهان هو ۽ ايئن نہ هو تہ هن ڪي غربت جو احساس يا ان طبقي جي درد جو احساس رڳو پنهنجي مشاهدي ۽ ذاتي تجربي جي ڪري هو، ان سان گڏ ڪيس ان جو پورو طبقاتي شعور بہ هو، جنهن جو اظهار هو انيڪ جاين تي ڪري ٿو، مثال طور:

آهن عجب دنيا ۾ قدرت جا ڪارخانا،
ڪو پيٽ لئہ پريشان، ڪنهن وٽ پريل خزانا.

*

اڄ هن طرح زمانو ٿو ضعيفن ڪي ستائي،
دنيا ۾ ڄڻ غريب جو پروردگار ڪونهي.

*

**ٿا اسان تڪڙو اچئون توکي ڏسي ٻُڪَ جا ٻُڪيا،**
**هاءِ عزرائيل تو وٽ مانيءَ ڪن ته هوندو ضرور.**

*

**اڄا ته تن جي نصيبن ۾ آهي لوڻ ۽ لَسي،**
**مارن ڪي مولا ڪنڊون ڪير ڪڏهن بخشيندين.**

*

**ٿو مري هر ڪو مگر هِي هِي مُئو، هُو هُو مُئو،**
**ڪنهن جي مانيءَ تي ٿِي ماني، ڪنهن جِي ماني ڪانه ٿي.**

هن ڪان جڏهن هڪ انٽرويوءَ ۾ عبدالواحد سومري ۽ ضمير ڪرل سندس پسنديده شعر ٻُڌائڻ لاءِ چيو ته استاد پيرل 43 صنفن ۽ پنجن ٻولين ۾ چيل ستاويهه هزار شعرن مان وري به پنهنجي جنهن شعر جي چونڊ ڪئي، اهو سندس طبقاتي شعور جو حامل شعر آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو:

**کهڙو شجر جي هيٺان ويهي ڪو حال ڏيون،**
**هن دل ۾ زخم آ ته هُتي وڻ ۾ پور آ،**
**ان ڪي چيم ته چور ڇا ڪڇ ۾ لڪايو اٿئي،**
**ٻڌندي اُٿي چيائين هي مانيءَ جو پور آ.**

جيتوڻيڪ استاد پيرل ڪي پنهنجي شاعرانه مرتبي آهر گهربل ميدان نه مليو ۽ هو گهٽي ۾ پاڳي قمبر ۽ شهدادڪوٽ تائين محدود رهيو پر تنهن هوندي به هن هڪ طرف سرمد چانڊيي، آتش سنڌي ۽ ميهر مجاهد جهڙا پُختا شاعر شاگرد پيدا ڪيا ته ٻئي طرف هن ڀرپور شاعراڻو دور گذاريو، رياضت پُرڙو سندس 42 سالن جي اُن شاعرانه سفر کي سموهيندي هن بابت لکي ٿو:

*" پيرل قمبر جي شاعراڻي زندگيءَ جا 42 ڪن ورهه شاعرن سان اُٿاويٺي ڪندي، شعرَ پڙهندي ۽ لکندي، مشاعرن ۾ شرڪت ڪندي، پاڻ وٽ شاعرن جون محفلون منعقد ڪندي، ۽ ڪنهن هنڌ حاضر هوندي به، اڪيون ٻوٽي پنهنجي ' خيال ۾ مگن رهندي' گذريا.*

*پيرل قمبر شاعريءَ جي گهڻين ئي صنفن ۾ شعر سِرجيا آهن، پر هن جي جيڪا شاعري، سندس وفات کان پوءِ، هن جي شاگردن پاران سهيڙي ڇپرايل ٻن ڪتابن – ' اُگهاڙا پير ٽانڊبن تي' (1997 ع) ۽ ' سجدو اُداس آ' (2007 ع) - ۾ پڌري آهي، تنهن ۾ غزلن جو تعداد وڌيڪ آهي. پيرل قمبر بابت اُنهن ڪتابن ۾ ڏنل تعارفن ۾ ڄاڻايل آهي ته هن ڪجهه سنڌي فلمن جهڙوڪ ' پرديسي' (21*

اپريل 1958ع)، 'ٻرائي زمين' (14 آگسٽ 1958ع)، 'گهونگهٽ لاهه ڪنوار' (1970)، 'سورٺ' (8 جُون 1973ع)، 'سوڍا پُٽ سنڌ جا' (7 ڊسمبر 1973ع)، 'غيرت جو سوال' (18 آڪٽوبر 1974ع) ۽ 'هاري' جا ڪلام/ گيت به لکيا. اُنهن فلمن مان ڪي ته هِٽ فلمون آهن، جيڪي عيدن جي موقعن تي جاري (رليز) ٿيون. ان مان ڪَٿ ڪري سگهجي ٿي ته پيرل قمبر تنهن وقت مشهور ۽ مقبول شاعر هو ۽ سندس ڪلامن کي پسنديدگيءَ جي نظر سان ڏٺو ويندو هو، جو هڪ پُٺتي پيل ۽ پاسائتي علائقي جي رهائشي هئڻ باوجود ڪانئس فلمي گيت لکرايا ويا. ڏک اهو آهي ته استاد جي انهن مشهور فلمي گيتن جو شايد ته ڪنهن به ليکک يا ماڻهوءَ وٽ ڪو رڪارڊ ناهي ۽ نه ئي ڪا مفصل ڄاڻ آهي ته پيرل قمبر جا انهن فلمن ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا گيت شامل هئا، اهي ڪنهن ڳايا ۽ انهن جي موسيقي ڪنهن ترتيب ڏني. ڇا اهي گيت محفوظ آهن؟ يا وقت جي وِٿين ۾ وڃائجي ويا آهن؟ مون انٽرنيٽ تي وس آهر ڳولا ڪئي، گهڻيون ئي ويب سائيٽون کوليون، پر مون کي 'هاري' فلم جي ڪا ڄاڻ نه ملي، جڏهن ته ٻين فلمن جي انتهائي محدود ڄاڻ/ ڊيٽا ملي سگهي، جنهن مان انهن فلمن جي جاري ٿيڻ جون تاريخون درج ڪيون اٿم. ان کان سواءِ يُوٽيوب تي 'پرديسي' فلم جو صرف هڪ گيت ۽ 'غيرت جو سوال' فلم جا ٣ گيت اپلوڊ ڪيل هئا، جن مان اهو معلوم نه پئي ٿيو ته اهي ڪنهن جا لکيل آهن، ڇاڪاڻ ته فلمي گيتن ۾ شاعر تخلص لکي نه سگهندا آهن. هڪڙو ٻيو طريقو استاد جي انهن فلمي گيتن لهڻ جو اهو ٿي سگهي ٿو ته اڳي مختلف فلمي گيتن جون چوپڙيون پڻ ڇپجنديون هيون، جيڪڏهن انهن چوپڙين جي ڳولا ڪجي، ته استاد جا فلمي گيت لهي سگهجن ٿا. بهرحال، منهنجو مقصد ان پاسي ڌيان ڏيارائڻ آهي، ته استاد جي فلمي گيتن بابت صحيح ڄاڻ هٿ ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن ته هن جي ريڊيو تان نشر ٿيل ڪلامن کي سهيڙڻ جي به گهرج آهي.

**فريبيءَ اڳيان دل ڦُرائي وياسي،**
**خزاني مان هڪ شيءِ کُٽائي وياسي**

(پيرل قمبر)

اميد ٿو ڪريان ته استاد 'پيرل قمبر' جي خزاني مان کُٽل ڪيئي انمول 'وکر' هٿ ڪري ونبا. فلمي گيتن ۽ ريڊيائي ڪلامن سميت، ضرورت استاد 'پيرل

*قمبرُ جي انهن ’چوپڙين‘ کي ٻه ڳولڻ ۽ نئين سِر ڇپرائڻ جي آهي، جيڪي هن 1960ع جي ڍاڪي ۾ ڇپرايون، جن ۾ ’سلامِ محبت‘، ’جذبهءِ دل‘ (يا ’جذبهءِ محبت‘)، ’باغ فردوس‘، ’يادگارِ زندگي‘، ’نِگاهِ محبت‘ ۽ ’تصويرِ صنم‘ شامل آهن.“* [2]

استاد پيرل موسيقيءَ جو عاشق ۽ ڄاڻو، گائڪيءَ ۾ لئي جو وڏو پارکو، هن جا جيڪي ڪلام فلمن ۾ ڳاتا ويا، اُنهن ۾ هو موسيقارن سان پاڻ راتين جون راتيون ويهندو هو ۽ هو تيسين اُنهن کي تسليم نه ڪندو هو، جيسين سندس شاعرانه ۽ موسيقيت مان ڀوهيل دل ان تي مُهر ثبت نه ڪندي هئي. هن کي پنهنجي وقت جي مشهور ڳائڻن ڪمپوز ڪيو ۽ ڳايو، جن ۾ خاص طور تي ملڪ جو مشهور موسيقار مسعود رانا، سنڌ جا مڃيل قمبر جا مشهور راڳي استاد محرم، استاد اشرف علي، استاد موج علي خان، ماسٽر منظور جو پيءُ استاد مکڻو فقير، مائي وسائي ۽ ٻيا انيڪ شامل آهن. هو جيڪو عجيب مزاج رکندڙ ماڻهو هو، پنهنجي پگهار جو چڱو حصو پاڙي جي ٻارن کي خرچيون ڏئي ورهائي ڇڏيندو هو، جو هن کي دنيا جا سڀ ٻار هڪ جهڙا حَسين، معصوم ۽ پنهنجا لڳندا هئا، جو پاڻ شادي ڪونه ڪيائين. هن جا رُساما ۽ پرچاڻا به ٻارن جيان هوندا هئا. قمبر جي يارن کان رُسي ته سڌو شهدادڪوٽ ۽ جي اُتي سنگت سان ناراض ٿئي ته قمبر...! سندس زندگي سراپا سندس هن شعر جيان هئي:

**زندان ۾ هئي چرپر خاموش دهن ۾،**
**هُتي ننڊ اکين ۾ هِتي دار و رسن هو،**
**هتي سِرُ تي خاڪ ۽ بُتَ تي ڪفن هو،**
**هُتي محل ۾ موج ۽ هِتي مٽيءَ ۾ بدن هو.**

استاد پيرل قمبر کي هونئن ته برطانيه جي راڻي الزبيٿ جي پُٽ چارلس جي تاج پوشيءَ تي چيل شعر تي راڻيءَ پاران ذاتي طور لکيل خط، شهنشاهِ ايران پاران مليل گولڊ ميڊل ۽ شهيد ڀُٽي کان مليل ايوارڊن سميت انيڪ انعام مليا پر هن جو اصل انعام هن جي شاعري ۽ ماڻهن طرفان مليل ڪيس انمول محبت هئي. هو پنهنجي زندگيءَ کي پاڻ هينئن ٿو بيان ڪري:

**نقشا وفا جا بي وفا جي گهر ۾ رهجي ويا،**
**پارس جا جگر راهه جي پٿر ۾ رهجي ويا،**

**هٿ تي ڪِريا زمين تي ڪِريا، قلم تي ڪِريا،**
**باقي رهيا جي اشڪ، سي ڪاڳر ۾ رهجي ويا.**

هر انسان جو پنهنجو مزاج ٿئي ٿو ۽ ماڻهو پنهنجون حُسناڪيون ۽ ڪمزوريون بہ پاڻ سان گڏ گڏ کڻي ٿو هلي. استاد پيرل جي شخصيت ۽ شاعريءَ ۾ بہ بہ ڪمزوريون هيون، جن هن جي شاعريءَ جو فڪري دائرو محدود ڪري ڇڏيو ۽ اُهي هيون هن جي مطالعي کان ڇڙَ ۽ پيو سياست يا پنهنجي دور جي محرڪن کان لاتعلقي. مان سمجهان ٿو تہ جي استاد پيرل جهڙو استاد شاعر معياري مطالعو بہ ڪندو رهي ها يا پاڻ کان وڌيڪ باشعور ماڻهن جي محفلن ۾ گهڻو اُٿندو ويهندو رهي ها تہ هن جي تفڪر جو دائرو تمام وسيع ٿئي ها، هن جي شاعريءَ کي فني بلوغت سان گڏ موضوعاتي وُسعت ملي ها ۽ جيئن هو روايتي شاعريءَ جي لاڙن جو شڪار ٿيو آهي، هُو ان کان بچي وڃي ها. مثال طور جيڪڏهن شيخ اياز رڳو پنهنجي فني استاد ڪيئل داس فاني (جيتوڻيڪ ڪيئل داس فاني بہ جديد شاعريءَ جي مُهندارن مان هو) جي دائري تائين محدود هجي ها ۽ هُو ادب جو وسيع مطالعو نہ ڪري ها ۽ پنهنجي دور تحريڪن ۽ تحرڪ کان لاتعلق رهي ها تہ شايد هُن جو فن ايئن سِراڻ تي نہ سِري ها، جيئن هُو سنڌ جي جديد ادبي اِتهاس تي هڪ سِج جيان اُڀريو. وڏي ڳالهہ تہ استاد پيرل جي سامهون جديد سنڌي شاعريءَ جو پورو جديد دور شيخ اياز، سنڌس همعصر ۽ ڪانئس پوءِ جي نسل جي صورت ۾ سنڌ ۾ اُڀري چڪو هو پر استاد پيرل ان نئين دور کان لاتعلق يا اڻڄاڻ رهيو. هو ادب جا جديد ۽ اُپرندڙ نوان لاڙا ۽ تجربا سمجهي نہ سگهيو. هن جي شاعريءَ جا محرڪ تصور، تخيل ۽ احساس هئا يا وڌ ۾ وڌ مشاهداتي عڪس پر جيڪڏهن سندس فن تي مهارت ۽ اظهار جو ڏانءُ جديد فڪري شاعرانہ روايتن سان هم آهنگ ٿئي ها تہ هو سنڌ جو ساحر لُڌيانوي هجي ها.

پيو تہ نظر ايئن ٿو اچي تہ استاد پيرل جيئن مطالعي کان پاسيرو رهيو تيئن هو پنهنجي دور جي سياسي تحريڪن يا سماج جي اُٿل پُٿل کان بہ پاسيرو رهيو، نہ تہ ون يونٽ جي دور جيئن سنڌي شاعريءَ کي اظهار جا بي مثال محرڪ، انداز ۽ موضوع ڏنا هئا، اُهي استاد پيرل جي صورت ۾ پڻ پنهنجو غيرمعمولي اظهار ڪن ها پر ايئن نہ ٿيو. جيتوڻيڪ هن جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي رنگ بہ آهي پر اهو پنهنجي همعصر دور جي ڀرپور ۽ گهڻ طرفي

ترجماني ڪندي نظر نہ ٿو اچي، جيئن اُهو نياز همايونيءَ، استاد بخاريءَ، ابراهيم منشيءَ ۽ ٻين انيڪ شاعرن جي صورت ۾ ڪري ٿو. استاد تي گهڻو اثر فارسي شاعريءَ جو هو، هن پاڻ بہ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي. ان ڪمزوريءَ ڪيس فڪري ۽ موضوعاتي طور محدود رکيو. نہ تہ سندس شاعرانہ درجو تہ اهو هو جو پليجو صاحب سدائين پنهنجي نِجي ڪچهرين ۾ ڊاڪٽر نظير شيخ ۽ ٻين دوستن کان استاد پيرل جا ڪلام فرمائش ڪري ٻُڌندو هو، جنهن ۾ خاص طور تي سندس اهو مشهور غزل، جنهن ۾ هو چوي ٿو:

**وار آلا جي ڪُلهن تي، تون سنواري وجهندينءَ،**
**ڪيئي مهمير خدا ڄاڻي تون ماري وجهندينءَ.**

اهڙن موقعن تي مون کي سدائين دل ۾ اها حسرت پيدا ٿيندي هئي تہ ڪاش استاد پيرل جي حياتيءَ ۾ پليجي صاحب جهڙي پارکوءَ پاران ڪيس اهڙي مڃتا روبرو ملي ها پر وقت جون پنهنجون مجبوريون ۽ نزاڪتون آهن. مون کي يقين آهي تہ هو پليجي صاحب پاران مليل اهڙي مڃتا کي برطانيہ جي راڻيءَ ايلزبيٿ ۽ شهنشاهہ ايران پاران موڪليل گولڊ ميڊل کان وڏيڪ اهم سمجهي ها.

اقبال کان بيحد متاثر سنڌ جي هن رومانوي ۽ فقير صفت شاعر استاد پيرل کي پڻ اقبال جيتري ئي زندگي يعني 62 سال نصيب ٿي. استاد پيرل جسماني طور تہ 24 ڊسمبر 1994ع تي هيءُ جهان ڇڏي ويو پر هو اڄ بہ سنڌ جي دل وارن جي محفلن ۾ پنهنجيءَ دلبر شاعريءَ سبب زندهہ رهندو آهي. هونئن بہ ڪائنات جون حُسناڪيون اندر ۾ سانڍي هلندڙ شاعر ڪيئن ٿو مري سگهي. هو چوي ٿو:

**پيرل قمبر وفا جو جنازو ويو اڏي،**
**ڪوئي هوا مان لاش لهي ڪيئن ٿو سگهي.**

**جامي چانڊيو**

(ستين جنوري ہہ هزار سورنهن)

حيدرآباد

**بابا سائين پيرل قمبر:**

17 جولاءِ 1933ع تي امام بخش سومري جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هڪڙو ٻالڪ جنهن کي پير محمد جو نالو ڏنو ويو. ٻالڪپڻ کان وٺي زندگيءَ جون 61 بهارون هن ڪٽي ڪٽي ۽ کهڙي حالات ۾ گذاريون هونديون، سندس بنيادي تعليم، تعليمي ميدان ۾ سندس علمي معيار، جنهن جي بنياد تي هو استاد ٿي رهيو، استاد به استاد...! جنهن کي ياد ڪري اڄ به سندس شاگرد الاءِ ڪهڙيون تشبيهون ڏيندي نظر ايندا آهن ۽ اهي سندس شاگرد اڄ تمام وڏن عهدن تي فائز آهن. ان کان علاوه سندس اها سڃاڻپ جنهن ڪيس پير محمد مان "پيرل قمبر" بڻايو ۽ سندس اهڙي پختي سڃاڻپ ٿي جو پيرل قمبر ته ٿيو پر "استاد پيرل قمبر" ٿي ويو. هي منهنجي زندگي کان گهڻو اڳ جو احوال آهي، اهو ته لکڻ لاءِ تمام گهڻو اسپيس کپي. تنهن ڪري ايتري ڊگهي پچار نه ٿو ڪريان. پر سندس زندگي جا ڪجهه آخري سال جنهن کي هڪ ڏهاڪو ئي چئي سگهجي ٿو. ان ڏهاڪي ۾ استاد پيرل قمبر جي زندگي جو جيڪو روپ نظر آيو، ان مان اهو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو مهان شخصيت جو مالڪ هو. استاد پيرل قمبر پنهنجي ذاتي توڙي ادبي زندگي ۾ اهڙو معيار ٺاهيو هو جنهن کي هر دور جو ماڻهو چئي سگهجي ٿو ۽ مون کي تمام گهڻي خوشي ان ڳالهه جي به ٿي رهي آهي ته هو منهنجي نانا جو سڳو ڀاءُ هيو. اها ڳالهه مون لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ڪين آهي. مون شعور سنڀاريو ته پنهنجي نانا سائين: (جنهن کي مان بابا سائين چوندو آهيان) بابا سائين "پيرل قمبر" جا يادگار ميڙڪا، يادگار ڪچهريون، يادگار گيت، ڪجهه خاص مهاورا، ڪجهه ڳالهيون، ڪجهه اهڙا لفظ جيڪي هو بار بار دهرائيندو هو ۽ سندس زندگي جا اهي لمحا (جيڪي ريڪارڊ ڪرڻ جهڙا هئا) سي هر اهلِ علم، ادبي شعور رکندڙ ماڻهو، توڙي ساڻس گڏ رهندڙ دوستن ۽ شاگردن جي واتان ٻڌندو آهيان، ته پنهنجي وجود ۾ نه ماپندو آهيان ته اهڙي شخصيت جو مالڪ منهنجو نانا سائين هيو. جنهن کي اڄ ماڻهو استاد پيرل قمبر جي نالءَ سان ياد ڪن ٿا. پر، سوچ هڪڙي ٻڌتر ۾ ضرور وجي ڦاسندي آهي ته هي هڪڙو سادو، حد کان وڌيڪ سچو،

ايماندار، تمام حساس، سخي مرد، اهلِ علم ماڻهو، ۽ تمام بهترين شاعر_آخر پاڻ کي کهڙي ماپي ۾ ماپيندو رهيو، آخر کهڙي ڪيفيت ۾ رهيو، جو گهڻو ڪجهه هجڻ جي باوجود، ظاهري طور ڪجهه به نظر نه آيو. بس محدود رهيو پنهنجي ان اوطاق نما ڪوٺڙي ۾، جنهن کي بزمِ پيرل سڏيو ويندو هو.

شاعري جي دنيا ۾ هزارن جي تعداد ۾ شعر لکيائين، ڇپائڻ جي خواهش کان گهڻو پري، شعر پڙهڻ جو ڪوڏيو، پر مشاعري تي وڃڻ کان انڪاري، موسيقي جي فن جو سُٺو ڄاڻو، شاعري ڳارائڻ کان پري! مطلب ڪجهه اهڙيون عجيب ڪيفيتون جيڪي پچارڻ جهڙيون ته آهن پر حيرت ۾ وجهڻ جهڙيون به آهن. ته هو کهڙو ديوتا جو روپ رکندڙ شخص هو جيڪو دنياداري کان گهڻو پري رهيو.

ان جو چٽو ثبوت اهو به آهي ته پنهنجي زندگي ۾ ڪو به ڪتاب نه ڇپرايائين ۽ نه ئي ڪو پنهنجو مواد سهيڙڻ جو شوق رکيائين، نه ڪنهن راڳي جي گهر وڃي، يا ڪيس خط لکي شوق ڏيکاريائين ته سندس گيت رڪارڊ ٿئي. جيڪڏهن چند گيت رڪارڊ ٿيا هوندا ته انهن راڳين جي شوق استاد جا گيت ڪٿان هٿ ڪيا هوندا. اهڙي ريت استاد پيرل قمبر جي ڪا ڊائري اسان کي هٿ نه آئي، جنهن تي سندس مواد ڪنهن ترتيب سان لکيل هجي. بس ان دور جا ڪجهه بُڪ، جيڪو ڪجهه محسوس ڪندو هو سو لکندو ويندو هو. انهن شعرن کي به ڪنهن هڪ بُڪ تي نه لکيائين ڪجهه بند هڪ بُڪ ۾ ته ڪجهه ٻي بُڪ ۾، انهن مان سهيڙ ڪرڻي پيئي تڏهن هي ڪتاب ”رهيل چار ڳوڙها“ جي نالي سان ترتيب ڏئي سگهياسين.

استاد پيرل قمبر جي شاعري ۾ علمِ عروض کان وٺي نظرياتي، فڪري، احساساتي، پختگي ڪيتري آهي اهو ته وقت جو نقاد ئي سمجهي سگهي ٿو مان ان حوالي سان ڪا به راءِ نه ڏيندس ڇو ته مان سندس شاعري تي ڳالهائڻ جي سگهه ئي نه ٿو رکان، بس جيڪو ڪجهه سندس هٿ اکر مواد اسان کي ان وقت جي بُڪن تان هٿ آيو آهي اهو جيئن جو تيئن هن ڪتاب ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هي استاد پيرل قمبر جي ڪتاب ”رهيل چار ڳوڙها“ متعلق ڪجهه حقيقتون هيون جيڪي بيان ڪرڻ ضروري سمجهيم. ان کان اول استاد پيرل جي شاعري جا ٻه ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ هڪڙو استاد پيرل جي زندگي

## رهيل چار ٻوڙها : استاد پيرل قمبر

۾ شاعري تي مضمونن جو پڻ ڪتاب شايع ٿيل آهي، ان مهل جيڪي مرتب هئا انهن به پنهنجي پنهنجي حال آهر ڪوشش ڪئي هوندي ته ڪتابن جو معيار بهتر هئڻ گهرجي. تيئن ئي استاد پيرل قمبر جي شاعري جي هن ڪتاب ”رهيل چار ٻوڙها“ ۾ به سائين عبدالله شاهه اطهر (جنهن لاءِ اهو ضرور چوندس ته هو استاد پيرل قمبر جو جانشين رهيو آهي) جي بيحد محنت ۽ ڪوشش سان هڪ هڪ سٽ، ڪي ترتيب ڏئي ڇپائي جي قابل بڻايو آهي، ڇو ته مان پهريائين اهو واضع ڪري آيو آهيان ته استاد پيرل جي شاعري مان هڪ هڪ شعر به هڪ ئي ٻُڪ تان نه مليو آهي، تنهن ڪري الائي ڪيترن ٻُڪن ڪي جاچڻو پيو جو ڪم مڪمل ٿيو ۽ ڇپائي جي مرحلي تائين پهتو. اهو سڄو ڪريڊٽ سائين عبدالله شاهه ’اطهر‘ ڏانهن وڃي ٿو. ان سان گڏوگڏ سنڌ جي ناماري دانشور ۽ ليکڪ سائين جامي چانڊيي جا به ٿورائتا آهيون جنهن استاد جي شاعري تي تاريخي مهاڳ لکي ڏنو. سنڌ جي بهترين شاعر محترم سائين اياز گل صاحب جا به وڏا وڙ جنهن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکي ڏنو، پياري ساٿي مرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ ’مرتضيٰ لغاري‘ پڻ اسان جي هن گذارش کي لبيڪ چيو ۽ پنهنجو قيمتي وقت اسان جي حوالي ڪيو ان سڄي صورتِحال ۾ اسان سان پاڳي پائيوار رهيو ۽ پرنٽنگ جو مرحلو به تمام خوبصورت انداز سان پورو ڪيائين. ان ڪان علاوه ڪنول پبليڪيشن جي باني پياري دوست سعيد سومري جا به ٿورائتا آهيون جنهن هر ممڪن مدد ڪئي. پياري دوست پريتم قاضي جا به ٿورا جنهن ڪئليگرافي ڪئي ۽ استاد پيرل جو فوٽو اسڪيچ به ٺهرائي ڏنو. ان ڪان علاوه پياري ساٿي نذير مستوئي ۽ ڊاڪٽر آر ڪي ڪي جا به ٿورا جيڪي هن ڪم ۾ اسان جا سهڪاري رهيا. پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت جا ڪارڪنن توڙي عهديدارن کي به وساري نه ٿو سگهجي جن هر وقت سڏ ۾ سڏ ڏنو.

**جنيد علي سومرو**

سرپرستِ اعليٰ

پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت سنڌ

03342013735

junaidali_pqass@yahoo.com



# شاعري

# حمد

او! پروردگارا، سچي جڳ جا والي،
تنهنجي ذات پاڪ آ، سڀن کان نرالي.

مٽي خاڪ مان تو، هي بوتو آ ٺاهيو،
وجهي روح بوتي ۾ آدم بڻايو،
سڏن سڀ ٿا توکي تہ صاحبِ ڪمالي.

آهين تون ئي رازق، رزق تو حوالي،
پنهنجي تون نظر سان ڏين سڀ کي سنڀالي،
ٻُرن کي بہ خالق، ڇڏين ڪين خالي.

ڪڏهن باهہ مان تو، خليل آ بچايو،
ڪڏهن ڪرت سان ذڪريہ کي چيرايو،
ڪڏهن رحم وارو، ڪڏهن آن جلالي.

ڏسي ڏوهہ ٿي بس، سچي جان ٿڙڪي،
ڪندين معاف مولا محمدﷺ جي صدقي،
سدائين آ "پيرل" تنهنجي در سوالي.

**

## نعت

الله تون! پر اسان ۾ تنهنجو، پرين ۾ ان جو پيام هڪ آ،
تعريف، صفت، ساراهہ، وائي، ثنا، درود و سلام هڪ آ.

نبي تو موليٰ معراج آندو، مدينو هڪ آ معراج پنهنجو،
عرشِ مُعليٰ ۾ پيو مدينو، معلوم ٿيو تا مقام هڪ آ.

هيڏانهن احد ۾ هوڏانهن احمد، فقط آ ميم جو اکر ئي گهٽ وڌ،
نظام مرسل، نظام تنهنجو، نظر ڪبي تا نظام هڪ آ.

زمين فلڪ جو، چاتل سڄاتل، پو پيي غريبت جو ويس پاتل،
هو آ وَڏِڪ پر حالي جي ڏسجي، گدا ۾ شاهہ جو غلام هڪ آ.

رڳو نہ "پيرل" مون ڪان پڄن ٿيون، چٽُن جو ڇهنبان بہ هئين چون ٿيون،
چون ٿيون ڪملي واري جو رايو ۾ هادي رب جو ڪلام هڪ آ.

**

# نعت

توکي پتو ڇا سُڌ وري، مون خبر هي ڇا،
توکي اهي اکيون ڪٿي، مون کي نظر هي ڇا،
گل ڦل پکي پرندا ۽ شاخ و شجر هي ڇا،
حوران پريون ملڪ پيا، جن و بشر هي ڇا،
الله ئي ڄاڻي ٿو عظمت رسول جي۔
آدم جي حد ڪان زور، آ عزت رسول جي.

چمڪي فلڪ تي ماھ پيو، صدقي رسول جي،
توکي اسان کي ساھ پيو، صدقي رسول جي،
ٻڄي گدا ۽ شاھ پيو، صدقي رسول جي،
سنسار ٿي واھ واھ پيو، صدقي رسول جي،
ڪيڏي نہ اسان تي آ، عنايت رسول جي۔
شمرو هوندو ڪندو جو، شڪايت رسول جي.

هن در تي تونگرن جي، سدا تونگري جهڪي،
خوشحال باڪمال ٿي، ڪوٺي ڪري جهڪي،
هيڪر جهڪي جهڪي سا ٿي پيهر وري جهڪي،
جبرائيل ٿو جهڪي هتي، حور و پري جهڪي،
ڪيڏي آ نازدار نبوت رسول جي۔
قادر آ قرب سان لکي، قسمت رسول جي.

آڱر اُٺي تہ اُپ تي، ٽڪر چنڊ ٿي پيو،
دل سان دعا گهريائون تہ، بي جان جيءَ پيو،
جلوو ٿيو تہ ٻُت بہ، جبين پر جهڪي پيو،
ديدار لاءِ نانگ پيِ، ڪِٿ هو لڪي پيو،
جهنگ جي بلا بہ آ مڃي، بعيت رسول جي۔
تون نور جي نہ ٿو مڃين، نصرت رسول جي.

صلوات ساڻ چيڙا هي، چوري وري چڙيان،
سِڪ جا سڳا سجاڳ ٿي، سوري وري چڙيان،
ڏونگر ڏڪيو، ڏڪيو اچي، ڏوري وري چڙيان،
هٿ ۾ هجي ترازو تہ! توري وري چڙيان،
هوڏانهن هزار سِر هيڏانهن۔ سيرت رسول جي۔
تہ بہ ملڪ ڪان وڏي پئي، محبت رسول جي.

ڇا ظلم جي زنجير ۾، عابد اسير ٿيو،
بيتاب پاڻي لاءِ هو، اصغر صغير ٿيو،
نوري بدن تي بي جرم، تيرن تي تير ٿيو،
قربان ڪربلا ۾، پيرن جو پير ٿيو،
لرزان ٿي مديني ۾۔ تربت رسول جي۔
گويا ڪي هئي شهادت، شهادت رسول جي.

اُلفت جو دم اي "پيرل"، انسان ڪان پڇيم،
مقداد ڪان، بلال ڪان، سلمان ڪان پڇيم،
اويس۔ دين، مذهب، ايمان ڪان پڇيم،
ڪعبي ڪان ڪوهِ طور ڪان، قرآن ڪان پڇيم،
سڀ ڪنهن چيو آ افضل۔ محبت رسول جي۔
الله سان ملائي ٿي، الفت رسول جي.

**

# مرثيو ( امام حسن ع)

وِلا امامِ حسن سان گڏجي، پهر بہ آيو زهر بہ آيو،
لبن تي لب لئہ ايثار وارو، اثر بہ آيو امر بہ آيو.

ايڏي شرف جي شاهِ رضا کي، ڇا سان نوازي ڇا سان نوازيون،
قربانين ۾ خطو ءِ قصبو، شرف بندي ۾ شهر بہ آيو.

شهيد ٿيو تان، شهيد جي هن، ڪليل ڳوڙهن جي رسم بندي ۾،
ڪٿان ڪان هي ڏس شريڪ ٿيڻ، لئہ ڪڪر بہ آيو ابر بہ آيو.

رضا صبر جي صورت ۾ يارو، رضا الله جي ڪرڻ جي خاطر،
گوڏا جهڪائي تڏي تي مومن، تارا بہ آيا قمر بہ آيو.

ڪمال "پيرل قمبر" بہ ڏسجي، شهداءَ جي انهن شهادتن ۾،
اسان اُمت جي ڪُٺي ۾ يارو، ثمر بہ آيو هِجر بہ آيو.

**

# غزل

ماں پيار جي دنيا ۾ ٿو، دل جو دخل ڪيان،
پيدا هي پنهنجي واسطي، ڇا ٿو خلل ڪيان.

پٿر هجي پٿر ڪي ٻه، پاڻي ڪري ڇڏيان،
پر يار اڪ جي پن ڪي ٿو، ڪاٿي ڪنول ڪيان.

فرهاد جان پهاڙ ۾، چنجور ڪو نه ها،
اوزار استعمال ٿو، اڪ جو ڪجل ڪيان.

پئي ڪا نه ٿي خبر ڪائي، وحشت ۾ دوستو،
ڪهڙي طريقي مَنهه ڪي، موتي محل ڪيان.

پاڻي، هوا ۽ باهه، مٽي، ٻُت "قمبر پيرل"
هن عنص بي عمل تي ماں، ڪهڙو عمل ڪيان.

❊❊

مهينا سال ٿيا مون سان، سڄڻ مليو ناهين،
چمن جا گل به ڪليا، تون مگر ڪليو ناهين.

جفا جي راهه ۾ هر هر، ڀُلي جفا ٿو ڪرين،
وفا جي دڳ ڏي مگر، چو ڀلا ڀُليو ناهين.

رقيب ساڻ ته گهر ڪان، وئين شهر تائين،
مون سان ته گام به گڏجي، ڪٿي گهميو ناهين.

اُتي مان پوري جو پورو، جليس جُدائيءَ ۾،
سڄڻ تون چوٿين حصي تي به جت جليو ناهين.

ٻاهر جو سُور ته ”پيرل“ پوي وجي ڪڏ ۾،
اندر جو سُور به ڪنهن ڏينهن ڪو سليو ناهين.

**

پرتو صنم آ۔ غم جو تون، پرچم ڪٽي نہ ڏي،
اڄ عيد واري ڏينهن تي، ماتم ڪٽي نہ ڏي.

مان ڇا ڪيان تہ درد جي آخر دوا سڄڻ،
محبن بغير زخم جي، مرهم ڪٽي نہ ڏي.

ڪيئي دفعا زماني جا، صدما سَنا اٿم،
هونئن زهر جو پياڪ هان، زم زم ڪٽي نہ ڏي.

محلات قِلو پطرا جون، سِسيون ڪٽي ڏي سَو،
ڪنجوس ڪي مگر، سرِ حاتم ڪٽي نہ ڏي.

رک تون منهنجي ڪلهن تي اُتي فلڪ پيي تہ پر،
جنهن ۾ نہ بوءِ عشق سو، عالم ڪٽي نہ ڏي.

منهنجي مٺان ڪنڍن سنديون، پريون بہ سٽ پلي،
آٽي نہ دم خِزان ۾ سو، سرگم ڪٽي نہ ڏي.

هنڙي پڪي ثبوت سان، مجرم آ جو مون ڪي،
مجرم جو ڪٽي سِر ڏي ۽ مجرم ڪٽي نہ ڏي.

جيڪو وڙهئي ٻہ محب مون کي سو ئي ڏي ڪٽي،
مان ڪيئن چوان تہ غم هوندي تون غم ڪٽي نہ ڏي.

مفلس جي لاش جا تون ٽڪر جوڙي ڪٽي ڏي،
ظالم جو مگر لاش تون سالم ڪٽي نہ ڏي.

غم ئي ڪٽي ڏي سوئي جو ”پيرل“ ٽئي يادگار،
جيءَ جو ٻٽي جنجل جو اهو غم ڪٽي نہ ڏي.

**

شهدادڪوٽ کي مون پنهنجو گهر چئي ڏنو،
ڪتيون قمر ۽ ڪهڪشان، اختر چئي ڏنو.

مون کان پُڇائون شهر ۾، پيو ڇا پسند اٿئي،
مسجد چئي ڏني مون هي مندر چئي ڏنو.

پنهنجي شهر جي ٻار، ٻُڍي ۽ جوان کي،
سرويچ، سرفروش، سڪندر چئي ڏنو.

شاعر، اديب، ليکڪ و سالڪ جو حرف حق،
مون مڪتبِ اقبال جو محور چئي ڏنو.

شهدادڪوٽ شهر جي، جنهن ڪئي اُٿي ڳِلا،
مان اُن ئي رڳو شخص کي، ڪافر چئي ڏنو.

سهڻو جي آيو آڏو تہ لِڱ سرد ٿي ويا،
مون ماهِ جون کي ئي، ڊسمبر چئي ڏنو.

منهنجي عزت بہ جن ڪئي انهن جو پاڻ کي،
خادم، غلام، ٻانَهو مون نوڪر چئي ڏنو.

وڻ راهہ باغ ڪوٽو موٽو واري چوڪ کي،
مون باغِ شاليمار جو، منظر چئي ڏنو.

ماڻهن پڇيو! شهر پيو ڪهڙو عزيز اٿئي،
شاعر "قمبر پيرل" مون 'قمبر' چئي ڏنو.

**

رُخ ان جو ڏسي سُرخ ۾ هر ڪا ٿي ادا سُرخ،
اک سُرخ، صبا سُرخ، قضا سُرخ، سزا سُرخ.

ڪيڏي الائي وقت ۾، هو لعل ٿئي ها،
مرڪيو صنم ته منت ۾، هٿ تي ٿي حنا سُرخ.

اڳ ۾ ته مٽي خاڪ هئي، ميرانجهڙي خاڪي،
خونِ حسين جي ڪري ٿي ڪرب و بلا سُرخ.

مان پانُ ئي کاوان يا لبِ لالي ڪي چوسيان،
آ هي به غِذا سُرخ ته آ هو به غذا سُرخ.

منهنجو بدن هي سارو جو مغرب جي شفق ٿيو،
اُڏري آ فلسطين کان، شايد ڪا فِضا سُرخ.

فرعون جي جادوگرن جي نانگ اُڏاريا،
اُت حضرتِ موسيٰ جي ٿي، سيڪنڊ ۾ حَصا سُرخ.

هتڙي ته هر ڪو پئسا ڏئي، جند ٿو ڇڏائي،
ساميءَ ۾ مگر ٿئي ٿي سڄڻ يار پڇا سُرخ.

مجنونءَ جي جسم جو ته آهي خُون پيي پيلو،
هي سوز آهه کان ٿيا هن دشت و بلا سُرخ.

”پيرل“ ته لڙايون به لڳيون، ڪيتريون ليڪن،
رت ساڻ ٿيا ڪو نه مدينا ۾ مَڪا سُرخ.

**

هِت درد هزارين غم تي آ غم، مان پنهنجي ڪيان يا تنهنجي ڪيان،
هِت هر هڪ ڪنڌن تي آ قدم، مان پنهنجي ڪيان يا تنهنجي ڪيان.

هڪ پيرو تہ ڇا سَو پيرا سڄڻ، هِن دل ڪي جهليان هن محبت ڪان،
پر عشق جو ناهي دين ڌرم، مان پنهنجي ڪيان يا تنهنجي ڪيان.

تون شهر ۾ منهنجو شان رکين، هر جاءِ تي باقي گوشہ نہ ڏين،
تون بر ٿر ۾ پيي رکجان پيرم، مان پنهنجي ڪيان يا تنهنجي ڪيان.

هو روح پيو اُڏري رازده ٿي، هي بادِ صبا پئي نياپو ڏي،
هو قيص ڪي ڪاٽي مس ۽ قلم، مان پنهنجي ڪيان يا تنهنجي ڪيان.

ٿو موت بہ هر هڪ ماڻهو مٿان، پرواز ڪري ”پيرل قمبر“
ڇا دم جي خبر ڪو دير نہ دم، مان پنهنجي ڪيان يا تنهنجي ڪيان.

❊❊

مان ڪئي نہ جفا، تو ڪئي نہ وفا، هي مون ڪان پُنو هو توڪان پُنو.
تو سوچي سزا، مان بخشي خطا، هي مون ڪان پُنو هو توڪان پُنو.

مان توڪي اُتم آباد ڪيو، آباد ڪي تو برباد ڪيو،
مان گل جي فضا، تون لُڪَ جي هوا، هي مون ڪان پُنو هو توڪان پُنو.

مان پورو نہ هڪ اقرار ڪيو، تو ڪوڙ دفعا انڪار ڪيو،
مان هڪڙي خطا، تون خطا تي خطا، هي مون ڪان پُنو هو توڪان پُنو.

مان جِت بہ ويس تعريف ئي ٿي، تون جِت بہ وئين ڪيئي هڪ جي ٻي،
مان تنهنجي ثنا، تون منهنجي گِلا، هي مون ڪان پُنو هو تو ڪان پُنو.

مان توڪي ڏسان تون ٻي ڪي ڏسين، مان توڪان پِنان تون ٻئي ڪي ڏين،
مان سُبتي رضا، تون اُبتي قضا، هي مون ڪان پُنو هو تو ڪان پُنو.

مان قياس مهر جو قطرو ئي، تون درد الم جو درجو ئي،
مان اڪ جي ادا، تون اڪ جي بلا، هي مون ڪان پُنو هو تو ڪان پُنو.

ٻئي هئاسين مريض محبت جا، بس وصل ئي "پيرل" فرحت جا،
مان تنهنجي بقا، تون منهنجي فنا، هي مون ڪان پُنو هو تو ڪان پُنو.

**

ماضي تہ گذر ٿيو ماضي سان، ڳڻ حال زمان ۾ ڪو تہ هجي.
هن موت مصيبت ۾ مون سان، ڳڻ اڄ شمشان ۾ ڪو تہ هجي.

ٻـل پيون تہ زبانون ڪوڙ هجن، پر پنهنجي زبان سان پيار اٿم،
مان ٻئي جي زبان نہ چاڻان ٿو، ڳڻ جنهن جي زبان ۾ ڪو تہ هجي.

اڪين جو ٻلا ٻو ڇا رتبو، ابرن جو ٻلا ٻو ڇا رتبو،
جيئن دل جو پڪي اُڏري نہ وڃي، هڪ تير ڪمان ۾ ڪو تہ هجي.

هن پيار ۾ سڀ جي مرضي آ، پابند نہ ڪوئي ڪنهن جو آ،
ٻـل ڪاٿي وڃي ڪو پناهہ وٺي، پر دل جي امان ۾ ڪو تہ هجي.

اڄ گهٽ گهٽ سڀ تي يقين آهي، ڏس ڪيئي مُنين تي ٽڙڪي وڃن،
جيئن پو بہ پلئہ نہ ڇڏائي وڃي، بند پنهنجي بيان ۾ ڪو تہ هجي.

هِت سڀَ ئي قسم جا ماڻهو اڇن، لک دين ڌرم جا متوالا،
سڀ مندر مسجد ديول ۾، هڪ ماڻهو مڪان ۾ ڪو تہ هجي.

ڇا جو بہ اچي سو خالي وڃي، ڪو خير ڏيڻ وارو بہ نہ آ،
هن هيڏي ساري قطار منجهان، بس داخل دان ۾ ڪو تہ هجي.

انسان گهرن ريءَ نہ ٿو نهي، ۽ پڪي پرن ريءَ نہ ٿو نهي،
ڪو ڪين نلهي جو نلهو هجي، بس جوش جوان ۾ ڪو تہ هجي.

هر پرچي مٿان ”پيرل قمبر“ ٿو اوپريون چاڻان ائڊريسون،
هي دعوت نامون عشق سندو بس جنهن جي مان ۾ ڪو تہ هجي.

**

نہ هئي نياڻو! ٻڌاءِ تہ پهريان، تنهنجو سلام ۾ ڪلام ڇو هو،
هو پانڌي ڇو هو، هو خطرو ڇو هو، نياپو سنيهو پيام ڇو هو.

ڇريو تہ ناهين وفا جا واعدا ڪري وري ڇو ڪٽين ٿو ناتا،
وفا جي لالچ بنا ٻڌائج، بندو بندي جو غلام ڇو هو.

جو پيي ٿيو آ بزم ۾ مئڪش، ڪِلي ٿي ساغر ڇپن سان لاتو،
رڳو عجب آ اسان ڪي جاني، پيڳل ٽٽل پيي نہ جام ڇو هو.

ڪٽان جي اُبتي ڇوان عدالت، سڄڻ محبت جي فيصلي ۾،
غصو اوهان جو حلال ڇو هو، غصو اسان جو حرام ڇو هو.

”پيرل قمبر“ لئہ غصي ۾ تون هئين، باقي تہ جڳ پئي ڪليو ۾ مرڪيو،
هتي صبح هو، هُتي صبح هو، تنهنجي نگاهن ۾ شام ڇو هو.

**

او منهنجا منڙا سڄڻ او سائين، وصال تنهنجو ٿي داغ رهندو،
هي پور تنهنجو هي سُور تنهنجو، جگر تان دل تان لهي نہ سگهندو.

ماڻهن ڪان وڌ ها نوري فرشتا، اکين جي اشڪن ڌوتا پئي رستا،
ڏسي جنازو ڳلن جو ڳوڙهو، سڪي وري پيو آلو ٿي اٿندو.

هئين تون ترسيل آيو جو رمضان، هو رمضان مهمان ۾ تون بہ مهمان،
بس الهام جيڪو توڏي اُڏي پيو، الهام پيو ڏي اڏي نہ سگهندو.

جتان هئين لنگهندو اهو ئي دڳ آ، جا هئين پائيندو اها ئي پڳ آ،
اهو ئي مُصلو اها ئي مسجد، بانگن ڪي ٻُڌندي بدن پيو پرندو.

”پيرل قمبر“ جو لکي حرف چند، صفت تنهنجي ۾ سڄڻ او سائين،
پوري طرح سان پنا پريان جي، ڪاڳر چا پڇندو قلم چا پڇندو.

❊❊

اڄ ڪلندي ٻهارن مان ٿي خزان، مان موسم مٽايان ڪنهن جي ڪري،
هو ڳوڙها اُگهڻ وارو ئي ويو، مان ڳوڙها وهايان ڪنهن جي ڪري.

جنهن ناز واري تي ناز هيو، سو ناز وارو ناراض ٿيو،
اڄ ڪاڪ محل جي ڪنڊ ڪنڊ تي مان خوشيون ڪنڊايان ڪنهن جي ڪري.

دل اڌ ڪان بہ وڌ وئي پورا ٿي، مان سا بہ وڃي ٿو غم کي ڏيان،
هو دل جي وڻڻ وارو ئي ويو، مان باقي بچايان ڪنهن جي ڪري.

اڳ هنڌ ۾ ها پوندا وار نهي، اڄ اٽڪي ڦٽي ٿي سينڌ ۾ پئي،
هن چنڊ ۾ سڄ جي گرمي آ، مان جيئڙو جلايان ڪنهن جي ڪري.

جي زخم ٿا جاڳن مان ٿو سمهان، جي زخم ٿا ننڊ ڪن مان ٿو اٿان،
هن لوڻ مرهم جي مسئلي ڪي، مان ”پيرل“ نپايان ڪنهن جي ڪري.

**

جوابداري ڪيڏي، سِر مٿان ڪٽي ويٺس،
وفا جي بي وفا سان، هام اڄ هٽي ويٺس.

عظيم غلطي اها ڪئي مون آ حياتيءَ ۾،
ڏسڻ نہ ڪپندو هو جنهن کي، تنهن کي ڏسي ويٺس.

مونکي رڪارڊ پتنگ جو هو توڙڻو جاني،
اڃا نہ شمع جلي هئي، اڳي پچي ويٺس.

غصي جي، بيدليءَ جي، شور جي ۽ شوخيءَ جي،
اِها نہ ونڊي هئي خيرات، مان ونڊي ويٺس.

غلام ٿي ڪري محبوب تي مان رعب رکي،
ڏيڏر مان خواجہ خضر خوب اڄ بڻي ويٺس.

ائين تہ يار مان عزرائيل سان ٿي ڳالهايو،
سڄڻ جو سامهون آيو تہ مان اُٿي ويٺس.

اڇڻ جو اُن ئي چيو هو جتي تہ اڇجان تون،
مان هڪڙو ڏينهن اڳ ۾ اُتي وڃي ويٺس.

ڏُکي مون پاڻ وجي، پاڻ ان سان ڳالهايو،
هيو جو روزو رکيل سو هينئر پڇي ويٺس.

ائين تہ پيار پنهنجو کو نہ ئي ٿي باسيو مون،
سڄڻ جي ٿورو رُنو ئي کري سچي ويٺس.

پلاند زلف اکين مان، چڙائي آخر ۾،
هزار نانگ بلائن کان مان بچي ويٺس.

ويو هو پاڻ اکيلو، نہ مون کي ساڻ کنيئين،
اجايو سينڌ سنواري مان ڏئي ڦٽي ويٺس.

توکان وفا ئي نہ ملندي، مون کي پڇاڙي تائين،
ائين نہ چوٽو هو مون کي اجايو ڇئي ويٺس.

اُٺو پڇو تہ نجوميءَ ۽ جوڳيءَ کان پڇون،
مان ئي تہ وٺو نہ هُيس ڇو مگر وٺي ويٺس.

او يار پاڻ ستمگر سان دل جو سودو کري،
هٽي تہ يار ڄَنَهر مان اِها کَٽِي ويٺس.

اِهو چکر آ حسينن جي پيار جو ”پيرل“،
کٽي پسند نہ هيس ۽ کٽي وٺي ويٺس.

**

توُن همسفر ٻه هجين ساڻ، ۽ سفر ٻه هجي،
پلي هر گام تي پوءِ هيبت و حشر ٻه هجي.

تڏهن تہ عشق حسن هام ڪا هڻي سگهندا،
جڏهن ڪو گهاتو جهنگل شير جو گذر ٻه هجي.

تڏهن تہ پنهنجا قدم ان ڪي لتاڙيندا چاهي،
هتي شيشو ٻه هجي ۽ هُتي پٿر ٻه هجي.

ڳڙي ڳوڙهو پو پوي ڳل منجهان هو بوند مثل،
ڪو جو وارن جو وري ڪنڌ مٿان ڪکر ٻه هجي.

ڪمال آهي اسان جو تڏهن تہ اُپ تي وڃڻ،
وَرُون تہ هٿ ۾ ستارا ڪَتِيون قمر ٻه هجي.

ائين نہ منهن رڳو ڏسندا هلون مريضن جا،
ڦوڪ عيسيٰ وارو ڪجهہ پاڻ ۾ اثر ٻه هجي.

تڏهن تہ سير ڪرايان مان ان ڪي صحرا جو،
جتي بازر ٻه هجي شيشي جو شهر ٻه هجي.

وٺين توُن بوسو وري، عمر لاءِ چُپ ٿي رهان،
ايئن نہ عدل ۾ ڪو آدر جو ٻَدر ٻه هجي.

نہ ئي ڪو وقت مقرر اسان جي محبت جو،
سنيهو سحر هجي شام جو پهر ٻه هجي.

تڏهن تہ هجر جون اي دوست ماڻهو سهندا سَتون،
عقابي پَر بہ هجي شير جو جگر بہ هجي.

پوءِ تہ آهي مزو پيار جو ”قمبر پيرل“
لبن تي لب بہ هجي نِرڙ تي پگهر بہ هجي.

❊❊

مري ڪري ٻه اچو يا تري ٻُڏي ٻه اچو،
ڪنيون هٿن تي جبل ٻه اچو اُڏي ٻه اچو.

جهان هيڏي مان متان موٽو هٿين سڪٽين،
ڪنيون ڪا ڪانءُ جيان وات ۾ هڏي ٻه اچو.

اسان جو سِر آهي حاضر سدا حسينن لئه،
ڪنيون هو ڪات اچو ۽ ڪنيون آڏي ٻه اچو.

ڪيون هي سِر اچو سرويچ ديس جي خاطر،
لٽايون راهِ خدا ۾ مڙئي مڏي ٻه اچو.

ڪلاڪ سينڌ جي وارن تي پل وجي تِرڪو،
زلف جي پينگهه تي اڌ منٽ پل لڏي ٻه اچو.

خدا سڏايو ٿا اي ڪافرو! اوهان خود کي،
وجو ڪو شرم ڪان پاڻي ۾ ڪجهه ٻُڏي ٻه اچو.

اوهان هو مرضي جا مالڪ صبح وجو ڪي آسُر،
ڪُتن جو زور زبر ڇا اوهان ڪَڏي ٻه اچو.

مدد ڪيو روح جي دل جي جگر ساهه جي پڙ،
نياڳي نفس جي لاهيون ته ڪجهه رَڏي ٻه اچو.

خيمي ۾ آهيو ته ناهي وهم مسافر لئه،
ڪنيون رلهي ٻه اچو ۽ ڪنيون تَڏي ٻه اچو.

لبن جو ان کي ته ”پيرل“ پياري آب حيات،
ننڍي حياتي هو ڪنهن جي ڪيون وڏي ٻه اچو.

**

مهمان کي ڊُکي جو آ اڄ ميزبان پهتو،
تاريخ دلنوازي تي هڪ داستان پهتو.

دنيا ۾ هيئن ٻہ ڏسجي تہ ڪيئي مثال ٿيا هن،
اڌ تي ئي ڪا نہ پهتو تہ اڌ تي ئي نان پهتو.

هنڙي ڪمال آ ڏس هُنڙي جمال آ ڏس،
ڪِٿ آ زمين پهتي تہ ڪِٿ آسمان پهتو.

پين ڪيترن درن کان جهولي اڇي سخا پئي،
دلبر جي در کان اڄ تائين هٿ تي نہ دان پهتو.

اڳ واري هي ڪراڙپ اڄ واري هي جواني،
اڌ پنڌ تي پيي پوڙهي کي ڊڪندي نہ جُوان پهتو.

هن پن ڳالهين کي اڄڪلهہ ويهي تہ ڏس او چريا،
پيڙي آ ڪاٽي پهتي ڪاٽي آ ٻانُ پهتو.

**

هو تہ منھنڙو ويو متي مون سان ملڻ جي بدران،
اک وٺي دڳ سان ويو اڳڻ اچڻ جي بدران.

مان تہ هر ديس ۾ هر دوست پرايو ٿو ڏسان،
ڪنھن کي سڏيان مان سڄڻ! پنھنجي سڄڻ جي بدران.

هو تہ هٿ هٿ ۾ ڏئي گڏجي رقيبن سان هليو،
جان سوليءَ تي چڱي اهڙي جيئڻ جي بدران.

جهل تون رخسار جو تِر ڪاڏي مکي مان تہ وڃان،
هِجرِ آسود آ هِتي، هُتڙي هجڻ جي بدران.

مون کي منھنجي تہ پيلا وحشت وٺي ڪاڏي وٺي،
مان تہ پٿر کي چمّيم پير چُمڻ جي بدران.

مرڪندي مان تہ ورهايان هي متايون ”پيرل“
پرچي سهڻو جي پوي روز رسڻ جي بدران.

**

محفل ۾ پنهنجي غير رهي ڪيئن ٿو سگهي،
بلبل سان ڀلا ذاغ نهي ڪيئن ٿو سگهي.

فرهاد جو هي فِڪر هو ۽ دل جي پُختگي،
پٿر مان هاٽي ڪير وهي ڪيئن ٿو سگهي.

ڪعبي جي طرف ڪو نہ هو رُخ يار جي طرف،
سجدو اهو تہ سِڪ جو ڍهي ڪيئن ٿو سگهي.

دل تي دغا جو بوجهہ ۽ ٻِرهنَ جون بندشون،
ايڏو ستم هي ساهہ سهي ڪيئن ٿو سگهي.

هي عدل جو نہ دوَر آ، آ دوَرِ بي رخي،
ٻڪري سان هتي شير رهي ڪيئن ٿو سگهي.

”پيرل قمبر“ وفا جو جنازو ويو اُڏي،
ڪوئي هوا مان لاش لهي ڪيئن ٿو سگهي.

❊❊

ڪڙمي غريب آهيان سُڪل شاخ هان وڻ جي،
چنبڙيل آ نانگ پير ۾ سِر تي پيري آ مڻ جي.

مون کي تہ دنيا وارا هي اک ٽيٽ سان ڏسن ٿا،
بگهڙن کي ڏئي آيو هان پارت پنهنجي مان ڌڻ جي.

مون کي خبر ڇا ذردي پُلائن ۽ پِيسن جي،
مون کي خبر آ جهاري لسي ساڳ مکڻ جي.

ڳاهي چنبڙي سَٽي مان ديرو پنهنجو رکان ٿو،
ٻولي ڪئي آ مون سان زميندار کسڻ جي.

هٿ جا اشارا هِن جيئن ثابت رهيا ئي سپ،
ڪاٽي ڇڏيائون باقي زبان ڪُڇڻ پُڇڻ جي.

ڪنهن سان ڪيون بي حال ڇُرون پير ڪِٽي چار،
مفلس جي آ نہ ٻولي ڪٽي اٽڻ ويهڻ جي.

”پيرل“ کو ڏي تہ ڳولي اها مونکي ڳجهارت،
ڪاٽي جهان عدل جو ڪاٽي دنيا آ ڳُڻ جي.

**

ٽيان ٿو هيج مان هاري، ڏسون اڳتي تہ ڇا ٿو ٿئي.
نہ پئي ڪا عشق ۾ گهاري، ڏسون اڳتي تہ ڇا ٿو ٿئي.

چڱي هرڙي جي ڪاهڻ لئہ، سڄي ٽڪري جي ٽاهڻ لئہ،
سيڙائي مون مڏي ساري، ڏسون اڳتي تہ ڇا ٿو ٿئي.

خوشي ڪان ساهہ ٿو سهڪي، ٻارو هر ڪو ٿو اڄ ٻهڪي،
لڳو آ ياڳ ڪو ٻاري، ڏسون اڳتي تہ ڇا ٿو ٿئي.

نظر ۾ تاب اڄ آهي، ٻنيءَ ۾ لاب اڄ آهي،
ڪُنم لت ڏئي ڪڪڙ ڪاري، ڏسون اڳتي تہ ڇا ٿو ٿئي.

مکڻ جو ڪائي هي ٽيرو، سٺيان ٿو دن وڃي ديرو،
گُنديءَ ڪي گهر ڏيندا هاري، ڏسون اڳتي تہ ڇا ٿو ٿئي.

ايندو پوتار اڄ جهٽ ئي، ڪائي ڇيلو ڪندو ٻٽئي،
ڳائيندو ڪاري ڪوهياري، ڏسون اڳتي تہ ڇا ٿو ٿئي.

چوان ٿو انُ ورهائي پو، پئسا ڏاڍا ڪمائي پو،
وٺان ويگن يا ڪا لاري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

اڇي وئي چانهه به چرڙي، پاڪيٽن جي چڱي پيرڙي،
ڦِري ٿي ٽَڪَ جي قاري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

چڱو هاڻي نهيا آهيون، بيگر ۾ جڙ وهيا آهيون،
وئي ٿي ڪاڪ هي ڪاري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

ڳهران رڙَ ڪئي اُٿي ڏاڍي، ابي جو آنُ ويو ڪاڍي،
ڪُلهي ٿس سگهي ڏانداري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

ابا ڇئو خير ڪو آهي، تنهنجو مُنهن ايئن ڇو آهي،
ڏني ڪنهن ڪنهن ٿي ڏيکاري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

ابا ڇا ٿو پڇين ڳالهيون، بڇا گهر جا وٺا ٿالهيون،
اڳيان آ زور جي زاري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

غريبن جو جيئڻ ڪهڙو، غريبن جو مرڻ ڪهڙو،
جمڻ پيي تن جي آ خواري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

نه ڪر "پيرل" تون ويسورا، پٽي ويهه پولي جيان تارا،
وڏو رک هوش هوشياري، ڏسون اڳتي ته ڇا ٿو ٿئي.

**

خير پنهنجي ڪي اُتي اڄ نئين قسم جو رنگ ڏي،
جهول ۾ ڏين ڪجهه نه ٿو هٿ ۾ ئي هڪڙو سنگ ڏي.

چڏ ورهاست پيار جي تون اڄ ورهاست مان ڪيان،
جونءِ جو چڪ تون ئي ڪڻ، ڏينهوءَ جو مون کي ڏنگ ڏي،

مان وتان سِسِيون وڍيندو بادشاهن جون نه رب،
پل هجان چارڻ مگر اهڙو نه مون کي چنگ ڏي.

اُت ستمگر جلد ۾ هڪڙو نه وٺ هي ڪم ڪري،
پکيءَ کي صياد ڏي، ڪُرڙيءَ کي ڳولي ڪنگ ڏي.

ڍور آهيان ماڻهو ناهيان ضعيف تي ٿو ظلم ڪيان،
وات ۾ ماني بجاءِ ڪو پٿرڏي سنگ ڏي.

يار تان قربان ٿيان الفاظ هي ڪوڙا اٿئي،
ديس تان قربان ٿي دنيا ڪري اڄ دنگ ڏي.

سُڪَ ٻڏي دل کي چڏيان ”پيرل“ نه جيئن ڪاڏي ڇُري.
زُلف جو هڪ ڏي وڪڙ وارن جو هڪڙو ونگ ڏي.

**

پيرن ۾ نانگ ڪٿي ۽ ڪٿي ٿا لعل رُلن،
اکين جي آڏو ٿا اهڙا سوين مثال رُلن.

صدي آ پندرهين پوءِ تہ يار ڇا آهي پلا،
پلي پيا جبل دهر ۾ اجا دجال رُلن.

ڪِنَهن جو ڏينهن پيو هڪڙو نہ ٿو هِجر ۾ رُلي،
ڪِنَهن جا هفتا، مهينا سڄا ٿا سال رُلن.

رکيو ڪنهين جي ارادن وجي تہ چنڊ تي قدم،
اسان جا ڪوني مٿان ٿا اجا خيال رُلن.

ويو جو پاڻ چڙهي سو وري ڪٿي ٿو اچي،
اسان جا خوامخواهہ در در تي ٿا دلال رُلن.

ايئن هرويرو ناهي تہ پيو ٿو هرڪو رُلي،
رُلي زوال سگهن ٿا نہ ٿا ڪمال رُلن.

ڪٿي نہ ڪيڏي ٿو ڪوشش سان سَوَ جو نوٽ ملي،
ڪٿي تہ پنهنجي ئي مُنهن ٿا مڏيون ۾ مال رُلن.

اسان جا حال هِجر ۾ اڳي ئي هيڻا ٿيا،
اسان جا پو بہ رڻن ۾ ٿا هيڻا حال رُلن.

ڪٿي تہ ڪنهن کي ڪفن جو بہ ڪپڙو ڪين مليو،
ڪٿي ٿا خوامخواهہ ڪپڙن جاڪيئي وال رُلن.

ڪٿي تہ ڪاٽي اگهاڙي وجي ٿي اي ”پيرل“
ڪٿي ٿا جهوپي اندر پيو ڪيئي جمال رُلن.

**

هتي ئي هانءُ ٿو هارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين،
مُئل کي پاڻ ٿو مارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

ڏسڻ جي لاءِ زماني کي ٻئي اکيون ٿي مگر،
نہ ٿو تون پو بہ نهارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

زمان حال ۾ آيو آن تہ بہ هي حال اٿئي،
سکن ۾ سُور ٿو سارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

هزار آدمي هيڏا هزار هيڏا گذر،
اجا ٿو هيڪلو گهارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

زمانو آهي وچي چنڊ کي تہ پهتو پرين،
اجا نہ وِک ٿو وڪارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

نہ ٿو تون چار ويهارين سڏي بہ محفل ۾،
اجا ٿو وينا اٿارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

اڳي ئي باھہ ٿي پڙڪي اجا بہ برھہ ڏيئي،
پريل ٿو پيو دفعو ٻارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

وچين سپاهي نہ انهيءَ کي غلط سنيها ڏي،
تون رهندو ڪير ٿو ڪارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

پيو ٿو ڏينهن سجو پاڻ سنوارين ناهين،
نہ ٿو تون جڏڙا جيئارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

ڪرين ٿو ڳالهہ هي ”پيرل“ تون من پچاڙي جو،
خبر نہ ڏُر جي ٿو ڏارين، ٻڌا تہ پو چا ڪندين.

**

اُت امتحان حُسن جو اڄ پَهر ٿو اچئي،
عاشق ٿِڃان هوشيار اِڃهو زهر ٿو اچئي.

پاڻي بہ چئو ڏيانءِ ڪنڌو پيي چئو ڪڍانءِ،
مان بادشاهہ ڪو نہ هان جو پگهر ٿو اچئي.

پاتو ڪجل آ سهڻي تون مُنهن تي تہ ڪر نظر،
اک جي ننڊي فلڪ تي وڏو ڪڪر ٿو اچئي.

شايد تون ڪنهن ضعيف لئہ زخمي ٿي پيو آهين،
ڪڇ ۾ ڪيون ستارا ملڻ قمر ٿو اچئي.

توکي رڳو هي تنها ڏسي او چريا عاشق،
اڄ رات ڪي لڪڻ سان سَتيون سحر ٿو اچئي.

لڳ لڏ پلاڻ ڪي اُٺي ننڊ ڪين ڪر غريب،
ڪر ڏاند گڏهہ تيار اڳيان ڏمر ٿو اچئي.

شايد وڇوڙي عشق ويچاري ڪي آ ورتو،
ڏس باهہ ۾ سڙيو هو پريان ٻبر ٿو اچئي.

شايد تون وطن ديس تان قربان ٿي پيو آن،
ڪو توکي ڏيڻ شهادت جو نمبر ٿو اچئي.

”پيرل“ اچا نہ ڳالهہ تو ڪئي پوري پيار جي،
هٿ ۾ ڪنيون ڪو جُوان ٻچو جگر ٿو اچئي.

**

مان هان گدا، گدا ڪان خيرات چا گهرن ٿا،
ڏُک دل جا چاڙتا ٿي چو امتحان وٺن ٿا.

ڪوليان ٿو جيءُ تہ جيءُ ۾ هي جهوناڳڙ جُهرن ٿا،
ڪوليان ٿو دل تہ دل ۾ دونهان سوين دُکن ٿا.

هڪ ئي طرح جو ناهي نيڻن سندو نظارو،
هڪ اک ۾ گُل ترن ٿا ٻي اک ۾ ڪک ڪُرن ٿا.

سرِعام دل هي منهنجي بدنام ٿي رهي آ،
مان ٻيو ڏسان ٿو بيٺو ماڻهو ٻہ سڀ ڏسن ٿا.

محفل ۾ رند "پيرل" محبوب جي اچڻ سان،
ڪيئي اُٿي ڪِرن ٿا ڪيئي ڪِري اُٿن ٿا.

**

سنهري هلون تہ هر موڙ تي همسفر هجي،
ٻُت ۾ هجي نہ پَئہُ! نہ جبين تي پگهر هجي.

جوانن کان جوڳين کان نہ خالي جهان آ،
ڪاٿي متان جُهڪيو ٻہ ڪاريهر جو ڪَرَ هجي.

مون کا صبا اُڏامي تون چنبو ڦوڪ ڪين ڪر،
منهنجي لڳن تي خاڪ، مٽي، مَر ئي مَر هجي.

محنت سان اسان محل ٻہ ڪو ٺاهي سگهون ٿا اُت،
ڀلجان جتي نہ صحرا ۾ ديوار در هجي.

ٻارهن ڪلاڪ سفر جون هيئن ٿين ورهاستون،
هڪ ڀاڱي چار رات ءِ باقي سحر هجي.

شينهن ڪي تڏهن يار تہ ساموهن کا آءَ ڪبي،
نئون نئون هجي بدن ءِ پُراڻو جگر هجي.

هن حال ۾ اي موت مون کي مار ڪين نہ ڪي،
منهنجي بدن ڳرئي تي، مران ڪا تہ ڳر هجي.

معذور مسافر ٻُکيو مايوس ٿئي نہ جيئن،
بَر ۾ هجي اوطاق ءِ گلشن ۾ گهر هجي.

بند ڪر بندوق رائفلون ”پيرل“ نہ راهہ روڪ،
ڪر ڪين ڪا تڪڙ هي متان تنهنجو تَرَ هجي.

**

زلف جو هي زهر آ منو آ منو،
مون چکي آ ڏٺو مون تہ پي آ ڏٺو.

زلف آلا سچڻ آڱرين سان ڇنڊي،
راھ ويندي پلا منهنجو ڇو ٿا پُڇو.

تنهنجو کنڊ جو جهاز آ ٻُڏي چڻ ويو،
سينڌ اُڪڙيل سچي وار هر کو ڍلو.

ييهہ اُس ۾ تہ جهٽ پي پگهر مان وتان،
پيار اڄ هي آهي پنهنجي رڳ تي چڙهيو.

مان هان ”پيرل قمبر“ کو نہ ييجل آهيان،
آ نہ سِر جي صدا ڇو ٿا ڦتکو لُڇو.

**

اهڙو ويهي ڪو چيڙيون اڄ داستان سوچو،
ڪوهن ڪان سمجهي ڪوهہ اهو ڪاروان سوچو.

مَنهَن جي سائي ڪيئي مُحسن ملي سگهن ٿا،
محلن جي ڪُنڊ ۾ ويهي ڪو مهربان سوچو.

ڪاٽي تہ دل جي آهہ ڪي ٽڙٽانءِ آهي ڪرٽو،
ڌرتيءَ نہ ٿي سُجهيوَ تہ ڪو آسمان سوچو.

جو حال پريان نال هي الفاظ پيو اُچاري،
مهمان اهڙو سوچو ۽ ميزبان سوچو.

هر مهل هن امير لئہ هر ڪو پيو تہ مرندو،
جو جان ڏئي غريب لئہ اهڙو ڪو جُوان سوچو.

مالي هو چاهي جاني سِر جو الائي ذر جو،
ڪهڙو اسان ڪان وٺندو هو امتحان سوچو.

ملندو اوهان ڪي در در سائل ادا هي اڳ ۾،
پاروٿو پوڙ سوچو پاروٿو نانَ سوچو.

”پيرل قمبر“ جو ڪنهن هنڌ مُنهڙو مَٽي بہ ويهو،
اهڙو ڪو ماڳ سوچو اهڙو مڪان سوچو.

❊❊

جيڪي سِر بہ ڏيندا ها وقت ۾، اُهي يار يار۔ ويا هليا،
دل پيار عشق جي هٿ منجهان سڀ اختيار۔ ويا هليا.

ڪِٿ هنج ۾ ها مٿڙا سُتل، ڪِٿ هٿ تي ها هٿڙا سُتل،
ڪٿ ڪٽ تي ها خطڙا ستل، سڀ يادگار۔ ويا هليا.

جن مَنهَن مان تہ محل ڪيو جن ڪک منجهان تہ ڪنول ڪيو،
جن خاڪ کي هو ڪجل ڪيو اهي خاڪسار۔ ويا هليا.

جيڪي دل سان بہ ڏيندا دان هئا، او جرڪندا ايمان هئا،
سائل ڪندا سلطان هئا، اهي تاجدار۔ ويا هليا.

تقدير پئي جو تري ٻُڏي، ڪا شاخ پئي ”پيرل“ لُڏي،
هن اک جي ڳوڙهن سان اُڏي، سڀ انتظار۔ ويا هليا.

**

هيڏي هوڏي گھمندي ڦِرندي، دلڙي ڦُرائي ويٺاسين،
ڇا ڪيوسين پنھنجي جي هڪ شيءِ خاص کُٽائي ويٺاسين.

دل وارن جي الفت اوڪي، خوب نچايو آهي مگر،
پاڻ تہ اڳ ۾ پنھنجي نَنھن تي، نانگ نچائي ويٺاسين.

دل ۾ اڳي ئي درد دُکن پيا، ويتر سُور جي چِٽِنگ سَهي،
پرندي شمع آڏو پي پي، شمع جلائي ويٺاسين.

ان ئي رنگيا آزارن سان، ها الفت جا احوال سپئي،
ان کي پڏائڻ کپندا ها، پر پي کي پڏائي ويٺاسين.

”پيرل“ قسمت جي آ بازي، ڏوهہ نہ ڪنھن تي ڪو ئي ڏبو،
جاتي سِرڙو جھڪڻو هو، اُت سِرڙو جھڪائي ويٺاسين.

**

اي منهنجي دل جا صنم، ڪيئن نہ رهان بيقرار،
تون متا ويندين ڇڏي، هو نہ مون کي اعتبار.

لب تي تنهنجو نام هو، ٿتل هي آرام هو،
جاڳي ٿي هر هر ڪيو، تنهنجو اکين انتظار.

در تنهنجي جو دلربا، مون نہ ڪيو سجدو قضا،
رات توڙي ڏينهن چا، ٿي جُهڪيو سِر بار بار.

جو ڪئي بلبل تلاش، ڪنڊن ۾ گلڙن جا لاش،
ويئي بيابان ڏي، بيخوديءَ ۾ هر بهار.

جوت ڪا جيئن جيئن جلي، پتنگ آيو اُت هلي.
شمع جي سِر تي ٻٽيو، مقبرو ان جي مزار،

ڪا نہ آ ”پيرل“ خوشي، زهر ٿي هي زندگي،
ڪو نہ ٿو سمجهي سگهي، ڪو دُکي دل جي پُڪار.

**

ڪھڙو ڏڪين ٿو مُنهن کي پياسن کان پردو ساقي،
ساغر ۾ پيو ڏسان ٿو، مان تنهنجو نقشو ساقي.

موسيٰ اسان تہ ناهيون، پر جام جي جهلڪ سان،
بس ڪوهہِ طور جو آ، هِت ساڳيو جلوو ساقي.

مئخاني با وضو ويس، مان نماز جي نيّت سان،
پر اُت ڪري مان ويئس، ساغر کي سجدو ساقي.

بُت خاني ۾ هلي گر، تون جام پيارين ”پيرل“
بُت پيي ڪندا قسم تي، توسان نہ بلوو ساقي.

**

يارو مِڙئي سِڙئي اچو، هڪڙو مڪان ناهيون،
ڪڪرن جي اچ ڪلهن تي، نئون آسمان ناهيون.

پلجان اچي ٿَڪو ٻُڪو، پنج گرهڙا ٻہ ڪائي،
اهڙي ڪا ميز ناهيون، ڪو ميزبان ناهيون.

ڪوئي جِئين ستايل، وِلهہ ۾ نہ رات ڪاٽي،
هِت آستان ناهيون، هُت آستان ناهيون.

پنهنجي زبان جي اچ، تقرير طرز و فن مان،
تلوار تير خنجر، تير و ڪمان ناهيون.

پنهنجي بہ ڏرتي ڪا نہ آ، ڪنهن پي ڪمال ڪان گهٽ،
هن عرش وارو هِتڙي، ڪو لا مڪان ناهيون.

ڏاڍو تہ تنگ ٿيا هون، انسان جي روِش مان،
هُت هو جهان ناهيون، هِت هي جهان ناهيون.

جو ناهيون سو ئي اڳ ۾، منزل تي پيو ٿو لُتجي،
ڪهڙي قسم جو چئو تون، اچ ڪاروان ناهيون.

عاشق مڙئي تہ "پيرل"، بر جو شڪار ٿيا هِن،
ذڪرِ بيابان مان اچ، فڪرِ زبان ناهيون.

**

منهنجي ئي جهول ۾ چا عشق جا انجام مليا،
مان جو سڪرات ۾ ٿيس پو تنهنجا سلام مليا.

قسم تي ڏَس ڪٿي تون پيي تہ او شهنشاهہ دل،
غلام مون جيها توکي ڪڏهن غلام مليا؟

بزم ۾ تنهنجي تہ هر هڪ ئي تازا جام ڪنيا،
مون ڪي ڪِنا سِنا قطرا بہ هئہ حرام مليا.

ڪيڏو قانون آ "پيرل قمبر" هي قدرت جو،
ڪنهن ڪي مَقاَم مليا ۽ ڪنهن ڪي مُقام مليا.

**

هي ٿيندو عشق جو دل تي، عملُ آهستي آهستي،
ڪلر مان پيو ڦُٽي پوندو، ڪنولُ آهستي آهستي.

اچي حاضر نہ ٿئي يا ٿئي، اُتي هو حضرت موسيٰ،
ڪٿيندو طُور کي اک جو، ڪجلُ آهستي آهستي.

هِجر ۾ قيس جنهن ٻُنڊ تي، رکي تون منهن مٿو ويٺين،
اهو قرآن جو ٻڻبو، رَحَلُ آهستي آهستي.

قلم ورتم قضا کان ئي، پنو مَس پڻ محبت کان،
لکان ٿو غور سان ڪنهن تي، غزلُ آهستي آهستي.

پري پردو ڪري تو جي، ڏنو اڪسِير اکڙين سان،
مَنهَن مان پيو ٺهي پوندو، محلُ آهستي آهستي.

ڪري ڏس آزمودو تون، اي”پيرل“ پاڪ الفت جو،
پڇي ڳوڙا جُهڪي پوندا، اجلُ آهستي آهستي.

**

اي دل تون نہ ڪجهہ غم ڪر ڇا دنيا ڪي طاقت آ،
هي موت جي هٿ سان پِي مرڻي نہ محبت آ.

پوئتي نہ قدم ٽيندو، هن دنيا جي دڙڪي سان،
پيو ڏوربو هڪ ٻي سان، سِر جيسِين سلامت آ.

بدنام ٿي صدمن کان، سِڪ جو نہ پَلئُہ ڇڏبو،
ڏُک سُور جي هر ڪنهن کي بس عام اجازت آ.

هن ڳالهہ جي وڏ "پيرل" ڪَن قدر وارا ڳَڻ ٿا،
بيقدر ڪي ڪَل ڪهڙي ڇا قرب جي قيمت آ.

**

تڏهن ٿو مان ڳوليان، پرديس جي بهاني کي،
رڪان مان قبضي ۾ ڪيئن دوست آبداني کي.

هتي نہ مان آهيان گهر ۾، هتي ٿيا دوست قريب،
رڪان مان گهر کي ڪَسر يا غريب خاني کي.

فلڪ تي بجلي پو اڄ رات چمڪجان اڳ ۾،
هٽن تي مان جهليان بُلبل جي آشياني کي،

چاڪاڻ جو اهو ڪنهن وقت نيٺ تنگ ڪندو،
ڪلهن تي ڪڄبو نہ آ ظلم کي زماني کي.

هجان هماليہ جبل پيو پڄي پوان ”پيرل“
پُڄي ٿو ڪير بہ قدرت جي ڪارخاني کي.

**

ڪڏهن آهه ڪا نه دل مان هي افسانو بند ٿيندو،
در ڪان ئي ڪو نه ٿپندو ته ديوانو بند ٿيندو.

سوَ ڏُکن ۾ نه باقي به ٿيندا پياڪ پورا،
مستن جي ديد ۾ مگر مئخانو بند ٿيندو.

چاندوڪي چنڊ جي ۾ به اڄ رات ٿا گذاريون،
ٻارينديون شمع يار ته پروانو بند ٿيندو.

گدڙن جا پُٽ ته ٿورو به! نه ٿورو ڪري مجيندا،
شيرن جي پر پُٽن ڪان نه شڪرانو بند ٿيندو.

سُرڪي اڇو او مئڪشو هي جانِ بزم آ آيو،
برسات ۾ به اڄ ڪو نه پيمانو بند ٿيندو.

موسم خِزان ۾ گل لئه بستان بند ٿي رهندو،
عاشق جي پَر ٻِرهه لئه نه ويرانو بند ٿيندو.

بلبل توکي ته گهر جي ئي بند ۾ هو بند ڪندو پيو،
تنهنجي مگر قفس ۾ نه بيگانو بند ٿيندو.

محبوب جي چنڊ سي ته آهن آيا هو "پيرل"
تهِ خاني مان اُتو اڄ هي تهخانو بند ٿيندو.

**

پيار مان تنهنجي پناري ٿو جيان،
جوت جذبن جي جياري ٿو جيان.

درد منهنجي عشق جو سمجهو نہ ڪنهن،
تنهن ڪري مان نير هاري ٿو جيان.

ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان ڪنهن کي چوان،
عشق جون آهون اٿاري ٿو جيان.

سوز جون سڪلان ڪري ڪانيون ڪٺيون،
برهہ جي مان باهہ ٻاري ٿو جيان.

پيار ”پيرل“ جو عبادت عشق جي،
تنهنجي نيڻن ۾ نهاري ٿو جيان.

❊❊

چئهُ واسطو ٿي  ڪو نه ڀلا ڪنهن ڀي وطن سان،
ڳالهيون پو ڇو نه ٿو ڪرين جيئري ئي ڪفن سان.

شهباز آن، عقاب آن اُڏر غير جي سِر تي،
چنبڙائي مان جبل ٿو ڇڏيان تنهنجي چپن سان.

دشمن جو گريبان جهلي ڪو نه ٿو هٿ سان،
تلوار ڀي ڀڃين ٿو وجهي ڪوئي هٿن سان.

اي اڳتي جي منزل اجا مون کي اٿار ڪين،
ڇڏ ڪجهه ته حقيقت ڪيان پيرن جي ڀڃن سان.

تون سمجهين سُور سولا ٿو سولا اهي نه ٿئي،
آ خاص مشابهت رهي ڏونگر جي ڏکن سان.

ڪاٿي بٺائي سنگدل ٿو موم دل سگهين،
تون رُڪ جي تار ڇيڙي سگهين ڪِٿ ٿو چپن سان.

اوندهه ٿي پوندي يار مَٿا مَٿن سان رلبا،
ڪڪرن جا نهن ٿا ته مَٿا چنڊ جي مٿن سان.

هو خوامخواهه بدنام ڪري پاڻ کي وجهندا،
پيٽيندا مٿا گدڙ چا شينهن جي مٿن سان.

اج تن اُتي افسوس هٿن ۾ هي چڪ وڌا،
پاليوسين جن کي ڪالهه اسان پنهنجي هٿن سان.

ڪاتِي تہ ڪو نہ وئي آهي جو سچ چئي نہ ڏيون،
چنبڙيل آهي زبان اجا دوست دهن سان.

ميلاپ وصل پُڇن تہ مورئون نہ ٿا "پيرل"
فرقت ڪري ڪچهري ٿي زخمن سان ڦٽن سان.

**

لاهيون ڪو برھ جو محبت مٿان هي بار تہ آ،
سون جي ٿالھ ۾ سھڻل ڪنيون اڄ پيار تہ آ.

عشق ۾ توکي پو آزار جي پوندي تہ خبر،
باغ مان گل چِني هن گل سان ڪنيون ڪار تہ آ.

روز مون سان هي ڪارو نانگ پيو ڏاڙون هڻي،
سينڊ مان اُٿ پٽيون هڪڙو تون سڄڻ وار تہ آ.

مان مٿان تنھنجي حُسن جي جھلي هيبت نہ سگھان،
موڙ هر هڪ تي مون کي تون ڪيون هوشيار تہ آ.

زندگي ساري ۾ هڪ پيرو اي ”قمبر پيرل“
مون تي هڪ وار ڪري، هاڻ تون اعتبار تہ آ.

❊❊

من جو محرم يار مون کان اڄ وڇڙي ويو،
دل جو برسيل باز خزان ۾ اجڙي ويو.

هر پاسي چو طرف ڏسان ٿو انڌيرو آ،
قسمت وارو سو بہ ستارو نخري ويو،

هر پاسي چو طرف تڪيان پيو نہ آيو اڃا،
سڪندي سڪندي سال زمانو گذري ويو.

ڇا ڪيان ”پيرل“ مان ڇا سينگار ڪيان،
يار بنا سينگار سمورو وسري ويو.

❊❊

# گيت

سڏين ها تہ سِر پِرَ سُري مان اچان ها،
رکي چپ چپن تي مان واپس وڃان ها.

ڪيل قول تنهنجو بہ پورو ٿئي ها،
مثل سون چاندي سمورو ٿئي ها،
ڪري مڙس ماڻهو مان توکي مڃان ها.

نہ ٿي پيار ذرڙي ڪچي هي پوي ها،
حياتي لکن جي بچي هي پوي ها،
مٿا مان نہ ڦتڪي ڦاهي تي مران ها.

ڇڏي عشق جي وئين سچي شهنشاهي،
توکي بدگمان ڪيو ڪوڙي بادشاهي،
بوسو ڏيان ها! ذرگر اگر اڄ هجان ها.

منهنجي جيئري چپڙا چمڻ ڪو نہ آئين،
منهنجي لاش تي من اچي لب بہ لائين،
ڪفن ۾ بہ ”پيرل“ مان لکندو وڃان ها.

**

رات اڃي کي پاڪر پايان، ڪاري رات نہ دل ۾ ڪري،
ڪلندي خوشين کي سيني لايان، غم فڪرات نہ دل ۾ ڪري.

هڪڙي مهل تہ منهن ۾ شوخي، ٻئي دم يار تہ مُرڪان پيو،
ڳالهہ انهيءَ ڪان دوست پُڇو جي، مان تہ ائين ٿو چرڪان پيو،
هر دم ڳالهيون وصل جون ڳايان، برهہ جي بات نہ دل ۾ ڪري.

واقف اڳ ۾ ڪو نہ هئاسين، هجر ۾ لاهين چاڙهين ڪان،
پنهنجو هاٿي تہ پاڻ ٿو ماريان، بيدردي جي باهين ڪان،
زهر پيان ٿو زم زم سمجهي، آبِ حيات نہ دل ۾ ڪري.

ڪير ٿو پنهنجو پيار ڦٽائي، ڪير ٿو پنهنجي آس پڄي،
وِڪ وِڪ تي ٿو اکيون وڇايان، ڪنهن دم من هو اچي وڃي،
پر ٿو هڪ محلات سجايان، ٻي محلات نہ دل ۾ ڪري.

نيڻن واري زير زبر مان، نيڻ ٻٽي ٿو نينهن پوي،
”پيرل قمبر“ مُند ملهاري، پل پل هر جا مينهن پوي،
ڇو نہ روئان اڄ اکين واري، هو برسات نہ دل ۾ ڪري.

**

دري نہ آ ڪو در در واندو، گهٽي نہ آ ڪو گهر گهر واندو،
باغن ۾ ٻيي تنهنجي حُسن جي بات آ_ اڄلڪھ تنهنجي رات آ.

هيڏي هوڏي رُخ تان پردو، چڙ تہ هوا ٿي هٿ سان اُڏايو،
چنڊ ستارن تنهنجي ڏسڻ لئہ دل ۾ پڪو هو پَهہَ ڪو پچايو،
مثال هي بيمثال چئجي، معجزو يا هي ڪمال چئجي،
مُنهن تي اُني جو ابر بنا برسات آ_ اڄلڪھ تنهنجي رات آ.

مُرڪون تنهنجون موتين وانگي، ڪاوڙ تنهنجي ڪَچ برابر،
آٽت تنهنجي برف برابر، مھٽا تنهنجا مَچ برابر،
پيار تنهنجي ڪي ونگ ڍنگ آهن، اندلٺ وانگي ست رنگ آهن،
ڪڏهن فرحت ڪڏهن وري فڪرات آ_ اڄلڪھ تنهنجي رات آ.

ماڻهن ڪان تون پُڇي ڪندي ڇا، منهنجي دل ڪان پُڇي بہ ڏس تون،
لُڇان جيئين ٿو مان ئي تو لئہ، مون وانگر ئي لُڇي بہ ڏس تون،
جاچي ڏسبو جڳ هي ڪوڙ آ، سونهن مگر هي ربّ جي جوڙ آ،
مقدر منڙا ذات تي ڇا جي ڏات آ_ اڄلڪھ تنهنجي رات آ.

”پيرل قمبر“ ڪي طاقت ناهي، ڏيندو حُسن جا حال سمورا،
تنهنجي پگهر تي آگَر منهنجي، لب تي ڇڙ ڪي جام طهورا،
جيئڻ جيئڻ تنهنجا ڇيڙا ڇُري پيا، سينا سُک جي در ڏي سُري پيا،
ڪچو منَهہَ بہ مٽجي ٿيو محلات آ_ اڄلڪھ تنهنجي رات آ.

**

مان پوڃا ڪيان ها تون اهو در بہ هجين ها،
مسجد بہ هجين ها ڪٿي۔ مندر بہ هجين ها.

سڀ ڪجھہ مان ڏئي تو کي، ڪيو دل جو سڪندر،
سپنن جا حُسن ميڙي ڪيم، حُسن جو پرور،
قدمن جو لتاڙيو اهو۔ ڪاڳر ئي ٿيس مان،
تون چاندي جي چادر، ڪٿي ٿئين سون جي چادر،
گڏ قُرب ۾ مونسان ڪٿي، ڪافر بہ هجين ها.

تو پيار جو سمجهو نہ سچڻ راز ۽ رُتبو،
مان تڪڙ ۾ موسيٰ جان ورتو طُور جو جلوو،
هُن زلف جو پاڻي ڇٽيو، زم زم ئي هجي ها،
ڪوثر جو جام ٿئي ها تنهنجي پگهر جو قطرو،
تون ساقي سرهائي ڪٿي ساغر بہ هجين ها.

هي هندو، مسلمان، عيسائي يا هي ڪافر،
ڇهري تنهنجي ۾ مون ڏٺا، پئي مسجد و مندر،
تون مس جي ڦڙي جام کي، مِٽي مٿان ڪيريو،
مان تخت ڏئي تاج ڪيو توکي تونگر،
اڄ ڪاش تون مون وانگي، گداگر بہ هجين ها.

جو طعنو ۽ مهڻو ٿي رهيل هاڻي هٽي وٽ،
”پيرل قمبر“ جي باغ ۾ تون باھہ ٻٽي وٽ،
پوشاڪ بجاءِ بدن تي، اڄ ڪفن ٿو پانيان،
تون منهنجي ڇپن تان هاڻي آڱر هي ڪٽي وٽ،
تون اڳ ۾ منهنجي سِڪ جو، ثناگر بہ هجين ها.

**

ڏسي غريب مون کي، يار ڇڃني پيار ويو،
لُٽي قرار ڪري دل کي بيقرار ويو.

جُنونِ عشق ۾ دنيا جو پيي نہ خيال رکيم،
پٿر جي بوتي کي سجدا هزار بار ڪيم.

ڏسو هي پيار وارا پيار جو دستور ڏسو،
ڪنهين کي عيش مليو ۽ ڪنهين جو گهر آ جليو.

مون کي هئي ڇا تہ خبر پيار ۾ دغا ملندي،
مون ٿي سمجهيو تہ سڄڻ يار کان وفا ملندي.

ڪري تہ ڇا ڪيان ”پيرل“ پلا وهم وئي جو،
پرايو سو ئي پرايو نہ ٿيو ڪڏهن پنهنجو.

**

چوا! جيئڻ پيي نہ ٿو ڏين۔ چو؟ مرڻ پيي نہ ٿو ڏين،
حياتيءَ کي پنهنجي مُنهن سان۔ هلڻ پيي نہ ٿو ڏين.

ائين زلف پنهنجا مون کي، ڏسي ٿو لڪائين،
اِهي نانگ ڪارا هٿ سان۔ ونڻ پيي نہ ٿو ڏين.

ڪيم غلطي! هڪڙو پيرو، تو ڪان بي وفا ٿيس،
پنهنجي تون پگهر ۾ مون کي۔ ٻُڏڻ پيي نہ ٿو ڏين.

ڇڏي ديس پنهنجو آيس، پڪي پيار جو مان،
مون کي اڄ آڪيري تائين۔ اُڏڻ پيي نہ ٿو ڏين.

پتنگ آهيان ”پيرل قمبر“ کهڙي ڪم جو پو مان،
اچڻ پيي نہ ٿو ڏين مون کي۔ پچڻ پيي نہ ٿو ڏين.

**

قدر ڪو نہ دل جو، پيو دل جي پٿر ڪي،
اسان ڪعبو سمجهيو هو دلبر جي در ڪي.

نہ خوشبوءِ خوشيءَ جي، نہ سرهاڻ سُک جي،
رڳو گهر غمن جو، رڳو ڏات ڏُک جي.
ڏئي باهہ ڇڏجي، پو اهڙي گذر ڪي.

سڪي سوَ حياتي جا پاڇا لڙي ويا،
”رهيل چار ڳوڙها“ بہ ڳڙندي ڳڙي ويا،
اچا ڪو نہ آيو، نظر هُو نظر ڪي.

هجي ها ڪو هِڪ غم تہ ان کي پُڄئون ها،
هجي ها ڪو ٻيو ڪم تہ ان کي پُڄئون ها،
پُڄي ڪير هر هر هيڪاندي حشر ڪي.

ڪندين دانهن ”پيرل“ تہ ڇا داد ٿيندو،
هو ڪاغذ جو گل آ ڪا خوشبو نہ ڏيندو،
ڇڏي ڏي نہ ڇاٽي جو سڪَ جي اکر ڪي.

**

چو ٿو وڇين متا مون کي دل تان صفا ڏِڪاريون،
توساڻ پيو ڪڏهن هيون مون کي گهڙيون گذاريون.

تون ساڻ آهين ڪو نہ جو سونو سفر بہ ڪڏ پوي،
اڳيون پهر بہ ڪڏ پوي پويون پهر بہ ڪڏ پوي،
بس ميرِ ڪاروان بنا ڇا قافلا قطاريون.

مُنهن ڪيئي ٿا تو ڏي لڳن وس هوندي بہ وساريئي،
شيشي جهڙي نگاهہ سان جي ڪو نہ ڪو نهاريئي،
پٿر جهڙي نگاهہ سان بہ ڪو نہ وئين نهاريون.

ڪنهن ڪنهن نموني زندگي زرهہ پوش ٿي رهي،
مسجد بجاءِ هُجر جي بر ۾ ٿي بندگي رهي،
ڳوڙهو غمن جو هن طرح هڪ هاري پيو ٿا هاريون.

ڳوليان وفا ادا ٿو مان ڪلفت ۾ ڪينو ٿو لپي،
ڳوليان ٿو باغ جو بلبل صحرا جو سينو ٿو لپي،
پنهنجو پڙاڏو پيو نہ جِت ”پيرل“ اُتي پڪاريون.

**

مٺا مُنهن ڪير آ مٺائيندو، تون ٿو مٺين_ماشاءَالله،
اسان کي ٻہ علي پيو هلائيندو، تون ٿو وڃين_ماشاءَالله.

ڦٽڙا فراق جا ڇا ٿو ڪولين، ڳٽتي جي ٻُت ۾ ڇا ٿو ڳولين،
سور کي ڪير سُک سڏائيندو، تون ٿو سڏين_ماشاءَالله.

سَونَ هزارن يا ڪي لکن ۾، ڪوٺ محل يا ڪَکن ڪچن ۾،
ڪير دل ديد ڪان بچائيندو، تون ٿو بچين_ماشاءَالله.

لوڪ جي منهن تي مهٽا هٽين ٿو، درد جي سُئي سان درد سبين ٿو،
هُج هي ڪير چئہُ هلائيندو، تون ٿو هلين_ماشاءَالله.

”پيرل قمبر“ جڳ پيار ڪندو آ، اڪين جي هوندي ٻہ عشق انڌو آ،
پونئر کي باغ ڇا پلائيندو، تون ٿو پُلين_ماشاءَالله.

❊❊

دل جي آئيني ۾ توکي لڪائي، آئيني تي سَوَ موتي جڙائي،
نِوڙي ڪندس پيو سلام! ننڊ ٻه هوندي حرام.

دوست هتي هو دشمن ٿيندا، پنهنجا هتي هو پرايا ٻه ٿيندا،
دنيا جون دور ديوارون ٻه ٿينديون، پرتي وڻن جا سايا ٻه ٿيندا.

بي انت دل جي ڪشادي بزم آ، ٿڪندا پياڪ ۽ ساغر نه ٿڪندو،
پيار جا پير ڪرامتي پيئي، منزل ٿڪندي مسافر نه ٿڪندو.

باهه مان برسيل باغ ٿيندو جي، رستو صلح جو صاف ٿي پوندو،
چڪن جو ڦاٽو چيهاڙيو هي چولو، ڪعبي جو پوش غلاف ٿي پوندو.

محبت پيار ۾ "پيرل قمبر"، دوکو ۽ ڪوڙو دلاسو نه رهندو،
سنگت ۾ رهندو سير جو سير ئي، ڪاٽي هو تولو ۽ ماسو نه رهندو.

**

سَوَ ياد سِتم رهندا سَوَ ياد ڪرم رهندا،
پر ياد نہ اُلفت ۾ مذهب ۽ ڌرم رهندا.

طبيعت جو پڇڻ وارا آباد رهن گهر ۾،
احسان نہ ڪن ڪنهن تي آزاد رهن گهر ۾،
مرندي بہ تہ پاڪر ۾ زخمن سان زخم رهندا.

ياري تہ ننڍي واري بي سبب ڇني ڪنهن جي،
هل مان ٿو لڪان خطڙو ورندي نہ ڏني ڪنهن جي،
بيڪار ٿي سپ منهنجا ڪاغذ ۽ قلم رهندا.

هن پيار ڪي اي ”پيرل“ هر مهل ۾ هوش آهي،
هُن جُهُدَ خليلي جو محبت ۾ بہ جوش آهي،
ڪعبي جي صحن ۾ ڪيئن پٿر جا صنم رهندا.

**

وسي برسات وئي وئي، وڄي نغمات وئي وئي،
توکي ڏسندي، تنهنجو پڇندي،
ڍلي آ رات وئي وئي.

تنهنجو واعدو هو مگر، آئين تون ڪين ملڻ،
حڄ اڪبري هو منهنجو، تنهنجو ديدار سڄڻ،
مون کان مينا، طورِ سينا،
مون کان عرفات وئي وئي.

سوا تنهنجي تہ سڄڻ، منهنجو آ چمن سڄو،
منهنجو دل جگر سڄو، منهنجو آ صحن سڄو،
مون کان جايون، مون کان جهو پيون،
مون کان محلات وئي وئي.

تنهنجو جاڳيو آ جيئڙو، تو تہ قاصد آ ڪَيَڙو،
توکان هي ڪم جو ٿيئڙو، موئي ۾ ساهہ پَيَڙو،
مون کان گذري، مون کان وسري،
سامي سڪرات وئي وئي.

پيش سهڻو اچي پيو، مڪو "پيرل" مچي پيو،
جڏو هي بدن جيءَ پيو، سيهو بہ سونَ ٿي پيو،
لهي غم ويو، بچي دم ويو،
ڦري فڪرات وئي وئي.

**

چاهي يار الائي حياتي، ڇڄي ٿي درد فراق ۾ ڇاتي،
نہ وڃ پرديس پيارا.

تو تہ سڄڻ ڪا سُور الم جي، سَٽِي نہ هڪ بہ ڇُهندِي،
مان تہ هميشہ تنهنجي خاطر، سور جا ورتا سهارا،
نہ وڃ پرديس پيارا.

دل سان ڏنو هو ديد بہ جنهن کي، ڏئي ويو نيٺ سو دوکو،
ڪم هي مون کي کهڙا آيا، اک جا يار اشارا.
نہ وڃ پرديس پيارا.

روح کي، دل کي، قلب اکين کي، رتيءَ نہ آهي راحت،
جبل نہ وادين يار چمن جا، نانگ پيا ٿي نظارا،
نہ وڃ پرديس پيارا.

”پيرل قمبر“ جا تنهائي ۾، ڏس تہ اچي تون ساٿي،
رات سان گڏجي، رات سڄي هي، سُڏڪي مُئا ٿي ستارا.
نہ وڃ پرديس پيارا.

**

عُهدو دلدار ڏئي، ڏئي، ايڏو اختيار ڏئي، ڏئي،
مٿي تي پاڻ چاڙهيم، پاڻ چاڙهيم، پيار ڏئي، ڏئي.

مٿان جو وقت ايندو، ڏوراپو ڪير ڏيندو،
نيٺ ڪو ڏينهن ٿيندو، نپائي هر ڪو ويندو،
پيش پوندين، روئي ڏيندين، يڪو آزار ڏئي ڏئي.

دڳ ديد ڪان نہ خالي، ديد دڳ ڪان نہ خالي،
ڳل اشڪن سان آلو، اک ڳوڙهن سان آلي،
گُهٽي ماريئي، تَنگي ماريئي،ڪوڙو اقرار ڏئي ڏئي.

”پيرل قمبر“ هي پيارو، تنهنجي سِڪ جو سهارو،
سُور ڏئي هينئڙو سارو، وڇوڙو هِجر وارو،
ڳاري لاٽئي، ماري لاٽئي، بُرو هي بار ڏئي ڏئي.

**

پيو ڪين ڪوئي ڄاڻي، ڇا سُور ڪو سڃاڻي،
منهنجون اداس اکڙيون، الله تو ڪي آڻي.

ڪڏهن مان ڪلان ٿو، ڪڏهن مان روئان ٿو،
خبر تو ڪي ڪهڙي، تہ ڪيئن مان جيئان ٿو،
ويندو ساهہ توکان، سوا اڄ سياڻي.

تو سان دل جو رشتو ڪو اڄڪلهہ جو ناهي،
غلامي جو رستو ڪو اڄڪلهہ جو ناهي،
ٿيا ورهيہ ڪيئي، تنهنجي در وڪاڻي.

جدائي جي مَن ڳالهہ سڀ ڪان ڳري آ،
هِجر جي محل ڪي نہ در ڪو دري آ،
ڇڏيو بُت آ پيڙي، گونڌر واري گهاڻي.

جا ”پيرل“ جي دولت، سا دولت اوهان جي،
مُنڍي واري رت پيي آ ملڪيت اوهان جي،
ورهايو ڇا محبت ۾ مومل ۽ راڻي.

**

هلندي حسن جو يار ـ ٿورو ڪجهہ خير ڪڍو.

روڊ رستن تي ماٺ ۾ مٺا، نظر وجهي ڏس ڪيئن هن وڻا،
پلٽيون هنيون پينار ـ ٿورو ڪجهہ خير ڪڍو.

ايڏي ڪنجوسي ڪار تہ ناهي، دلڙي رُخي درڪار تہ ناهي،
ڪڏ ۾ پوي هي ڪار ـ ٿورو ڪجهہ خير ڪڍو.

چنڊ اڱڻ تي ڇا لهي ايندا، مِهر مزو ڇا محبت ڏيندا،
دور وارا ديدار ـ ٿورو ڪجهہ خير ڪڍو.

”پيرل قمبر“ اڄ ڏڪ سُور سلجي، استقبال ٿو هن ڪي ڇئجي،
هڪڙي ڳچي سَوَ هار ـ ٿورو ڪجهہ خير ڪڍو.

**

ڏکي آهيان ڏاڍو دلبر، دم کو دلاسو ڏي،
سيرُ جي ڏکيو ٿو لڳئي تولو ڏي يا ماسو ڏي.

نئون سنئون سِڌو لُک تُک سجڻ سمهيو پيو آن تون،
ڏکڙا کنهن جا خوابن اندر ڏسڻ کان ڀي ويو آن تون،
ڦِري ڦِري کٽ تي مون جان، پرين تون ڀي پاسو ڏي.

ڏکيو نينهن پائين ٿو ۽ نہ کي تون نڀائين ٿو،
محبت کان نفرت واري مُلان جي ٻڌائين ٿو،
هکڙي هَٿ ۾ ڏي تون تسبيح هنڙي ٻئي ۾ حاصو ڏي.

حياتي هلي چا سگهندي زندگي هلي چا سگهندي،
ٻُکن اُجن بدن کان پو بندگي هلي چا سگهندي،
ڍائي کي ڏي ڍائو پلجان پياسي کي نہ پياسو ڏي.

چوان ٿو مان "پيرل قمبر" مران ئي تہ پيار ۾ مان،
تنهنجي هي تمنا آهي مران تکرار ۾ مان،
ٻئي کم ٿيا تنهنجي هٿ ۾ کَسو ڏي يا خاصو ڏي.

**

مُحب انهيءَ ۾ کهڙي آ مڙسي، پيار ڪري پو ڇِنجي ڇو،
عشق جو ناتو قرب جو رستو ڪٽجي ڇو.؟

هو جيئري تہ ڇا ٿئي مُئي پيي ملڻ اهڙي اٿي واٽ ڳوليون،
جاڻي درياءَ سڪن گل خزان ۾ ڇڻن تاڻي جَرڪن محبت جو جهوليون،
آ رت ماس پنهنجو هي تن من، هجر فراق ۾ ڦٽجي ڇو.؟

پيار الفت جي دڳ ۾ اکر ٿو کپي اُن اکر کي اٿي اڄ اجاريون،
اهڙا واعدا ڪريون، سڪ جا سجدا ڪريون، واٽ ويندا بہ ماڻهو پيهاريون،
آ محبت هي اٽليپ موتي، مٽيءَ جي مُٺ تي مٽجي ڇو.؟

جو مٽيندو وڃي مُنهن ڇا ان لئہ مرون يار مرندن لئہ بيشڪ مرجي،
محب ڏسڻو هجي، پار ويڄڻو هجي، تار دِلڙَي ڪچي تي بہ تَرجي،
ٿئي نہ ميهار پنهنجي بہ من جو، سِير ۾ سِر سٽجي ڇو.؟

نانگ پيرن مٿان ڇاهي اُٿلي ڪرن سي پيي ”پيرل“ لتاڙي سگهون ٿا،
پائي سِڪ جو ليئو، ڪٽي وصل جو ڏيئو، پَر جدائي جا ساڙي سگهون ٿا،
ڪم اڳي پو جڏهن عشق سان ٿيو، گام هڪ بہ اُتي هٽجي ڇو.؟

**

جائي دل تي ڏني يا ڪو ڌوهہ آ،
هي پارس سان لڳو لوهہ آ.

هنج منهنجي ۾ گل ڪو ڇٽي پيو،
فيصلو توڪي ڪيئن هي منهنجو وٽي پيو،
ٽُٽندو بہ تارو منهنجو تخت ٻٽي پيو.

حُسن تنهنجي جا اهڙا تہ هُل ٿيا،
باھ جا ٿانڊا متجي باغ جا گل ٿيا،
پيار جا هيرا موتي سارا اُمل ٿيا.

دل جا ڪُلي پئي در ۽ دري پيا،
ياڳ رُنل بہ منهنجا وچ تان وري پيا،
ڪوسا هي ڳوڙها منهنجي اک ۾ ٺري پيا.

سينڌ آئيني سامهون "پيرل" لُڏي ٿي،
اُڏند ڪتولي وانگر دل هي اُڏي ٿي،
سارو زمانو ڇڏي توڪي سڏي ٿي.

**

هي ظلم ڪيم پاڻ سان جو پيار ڪيو مون،
سنگدل جي وچي پيار تي اعتبار ڪيو مون.

جاچي نہ ڏٺو مون اڳي ان شوخ جي دل کي،
هر دم پيو هلان مان رڳو بس پنهنجي وفا تي،
ان جي نہ وفا جو ڪڏهن ويچار ڪيو مون.

ڪو وقت هو جنهن جاءِ تي هو يار گُهميو ٿي،
تنهن جاءِ کي مون پيار مان سَوَ بار چُميو ٿي،
خالي نہ ڪڏهن فرض جو هڪ وار ڪيو مون.

هن ڳالھ جي ”پيرل“ نہ پوي ڪا بہ خبر ٿي،
ڳوڙهن ۾ اچي يار جي تصوير نظر ٿي،
ڪاٿي هو رهيو ۽ ڪٿي ديدار ڪيو مون.

**

شابس هجئي او سهڻا واهه جو وساريو ٿئي،
سُڏڪا پريا ٿئي نه ڪو سِڪ سان سنڀاريو ٿئي.

مان جي اچان ٿو مون ڪان مُنهن تون مَٽائين ٿو،
ٻانهن ڏئي پنهنجي مُنهن تي مُنهن تون لڪائين ٿو،
غيرن سان ڀي ڇئو ڪڏهين ايئن ڪو گذاريو ٿئي.

ڪيئن نه چنيان مان ڇاتي ڪيئن نه ڪيان مان غم،
گلڙا چونديندي مهل غيرن کي سڏيو تو صنم،
پٿرن چونديندي مهل مون کي ئي پُڪاريو ٿئي.

خطڙو هٿان هٿ مُڪم اهو ڀي ته ڦاڙيو تو،
قدمن ۾ ڪاغذ منهنجو لَت ڏئي لتاڙيو تو،
مهرباني تنهنجي منڙا مُئل کي ئي ماريو ٿئي.

دلبر جي اُڏري نظر تنهنجي نه در تي ٿي اچي،
اُلفت ۾ شايد توکي اونده نظر ٿي اچي،
”پيرل قمبر“ ڇئي ڏيئو ڏينهن جو تون ٻاريو ٿئي.

**

پيار ٿو سمجهين پوڳ، متي جو روڳ، لڳي ٿي عشق جي ڪا نہ لپاٽ،
تڏهين نخرا ڪرين ٿو ناٽ.
رات ڪي چئين ٿو ڏينهن، ٻٽيو آن شينهن، ڪئي ٿي اکين سان ڪا نہ اوچاٽ،
تڏهين نخرا ڪرين ٿو ناٽ.

تون حُسن جي زور تي آهين چڙهيل دلدار جبل جي چوٽيءَ تي،
مان ڪاٽي اُتي پهچي ٿو سگهان هن هيڏي وڏي ويچوٽيءَ تي،
صبر جو پاتم پوش، ٿيس خاموش، ملي آ وٽيءَ جي توکي واٽ،
تڏهين نخرا ڪرين ٿو ناٽ.

جو چڙِ ۾ توکي مان ٿو ڏسان جڻ چيتو آ چيتي سان وڙهيل،
مان پيار جو ماريو ڇا چوندس تون پکي ماڻهو جو آهين پڙهيل،
مام هي سمجهي مان نہ، خبر آ ڪا نہ، وتي ٿي ڪنهن جي الائي آٽ.
تڏهين نخرا ڪرين ٿو ناٽ.

هن عشق ۾ خود مختياري ٿي تون هار مڃين يا هام هڻين،
تون شيشي جي فرش تي پير رکين يا خاڪ سڪيءَ تي گام هڻين،
سهڻي واري سير، درياءَ جي وير، ڏنا ٿي گهير نہ ڪيئي گهاٽ.
تڏهين نخرا ڪرين ٿو ناٽ.

مان پنهنجو هان ”پيرل قمبر“ چو چرڪ پري تون چرڪين ٿو،
مان اڳي ئي ڇپن جا چاڪ سبيان تون رهندو اجا پيي مرڪين ٿو،
ايندا ڪيئن نہ پتنگ، چنائي تنگ، جو ٻاري لبن مٿان ٿي لاٽ.
تڏهين نخرا ڪرين ٿو ناٽ.

❊❊

لِيڪن جي اڄ راند رچايون،
نِڪريءَ اُڇليون پير هلايون.

اڳ ۾ پيٽ تي منهنجو وارو،
چو تي ڦوٽاري دوڏو تارو،
چوين تہ هٿ تي ٽاس پِلايون.

هو ڏس نِڪريءَ ٻاهر پئي ٽئي،
آڪڙ باقي ڇا تي ڪئي ٽئي،
مون ڪان ڇرڪن وڏيون مايون.

ڏس مان اڏندي ڪيئن اڇان ٿو،
ليڪن ۾ ڏس ڪيئن گهمان ٿو،
مون کي ڪارايو هاڻ مٺايون.

**

وار سونا، لال لبڙا، ڊريس بُت تيـ آسماني،
يار جاني هوـ يار جاني،
چنڊ چوڏهين جو ڪري، ان جي ٿو بيٺو ترجماني!
يار جاني هو يار جاني.

بدن چوان يا ڪوئي شيشي جو شهر آ،
نانگ واري ڦوڪ جو اکين ۾ اثر آ،
عاشقن جي سِر مٿان زلفن جو سفر آ،
ڪهڙي جادوگر ڪان سکي، آئي آ جادو جواني!
يار جاني هو يار جاني.

پيار واري سفر ۾ ڏک سک ٻه ڏسان مان،
رات هڪڙي شمع بدن پاڻ ٻران مان،
پيار ڪيم پيار جو پردو ٻه رکان مان،
ناتو ڳنڍي ناتو ڇنڻ، ڪار آهي ڪافراني!
يار جاني هو يار جاني.

چمڪندا رخسار ڇڻ ڪي شيشو شفاف آ،
رُخ جي مٿان ڪارو تِرُ ڪعبي جو غلاف آ،

ان جي ادا ڪنهن ڪي ڪيو ڪو نہ معاف آ،
رُڪ جي تلوار سمجهو، رمز اُن جي عاشقاني!
يار جاني هو يار جاني.

ديد سان دل جي دوا پُلجي ٿو وڃان مان،
ڏيان ۾ شاهہ ـو گدا پُلجي ٿو وڃان مان،
هن ڪي ڏسي چو خدا پُلجي ٿو وڃان مان،
حُسن ڪي قدرت چو ڏني، آهي ڪامراني!
يار جاني هو يار جاني.

چا بيان ”پيرل“ ڪيان مان اهڙي حُسن جو،
سون جي جِهر مِر سان چِٽيل چهرو چپن جو،
ساز بہ محتاج بڻيو هن جي سُخن جو،
دل هلاڪوءَ جي مثان، ان جي بہ آهي حڪمراني!
يار جاني هو يار جاني.

**

هيءَ ڪاٿان وتئي هيءَ ڪاٿان سکيئي،
چئو جاني اها جادوگري،
ڏگ سير هڪ، هٿ پير هڪ،
هڪ شاهه و گدا، جادوگري..

تو وارن ڇُڳو آڱر تي جو هيڏي هوڏي ڦيرايو،
هو جاڙي اُڏيو، مان مُنهن جهليو،
ٿي دل جي دوا جادوگري..

هن عشق سان هُجت نہ آ، هن حُسن سان حاجت نہ آ،
چا رنگ رهيا، ڪيئن رُخ تي ٿيا،
هي ڪعبہ مڪا، جادوگري..

ڪلهہ شام جو تون ۽ تہ مان گڏ هئاسين باغ ۾،
هڪ هيءَ رضا، ٻي هوءَ فضا،
تئين اک جي ادا، جادوگري..

هي ”پيرل قمبر“ آهي هر هر پگهر، رهيو حيرت ۾ آ شام و سحر،
مان ٻانهون ٻڌي، ڏئي بوسو ٿڏو،
رکيئي منهنجي رضا، جادوگري..

**

پوندو گلشن جُهڪي دل جو گلڙو جُهڪي،
نہ ڪر مون سان سچڙ ناراضگي.
او پارس پٿر او ٿر جا ڪڪر،
او ماڪي مکڻ، ناراضگي..

مان مران يا بچان تنهنجي در ٿو اچان،
نہ ٿو توکي ڏسان پيو ڦتکان لُڇان،
کٺان وکڙا ٻہ تي ڏي گل تون ڇَڃي،
کر پرتي پَرڻ، ناراضگي..

جِت ديدان هجن اتي پِي دل هجي،
جِت پوئنرو هجي اتي پِي گل هجي،
سجڻن بنا، محبن بنا،
ڇا مرکڻ کلڻ، ناراضگي..

سحر هڪ ئي هجي شام هڪ ئي هجي،
گڏ سُک سُور ۾ گام هڪ ئي هجي،
ڇا جدارا اٿڻ، ڇا جدارا ويهڻ،
ڇا جدارا جيئڻ، ناراضگي..

چوي "پيرل" جي تون چشمن سان هلين،
رات چانڊوکيءَ ۾ ٿهکين ۽ کِلين،
درياءَ وهندو رُکي مور سهکي سُکي،
هلن هڪي هرڻ، ناراضگي..

**

دل وچي جو غير سان گڏيئي،
نڪاءُ ڪنن مان ڪيڍي ڇڏيئي.

سون آ تہ بہ ڪوڙو ڪوٽ آ، پنهنجو نيٺ پنهنجو ڳوٺ آ،
چو پڪا پري وچي اڏيئي.
نڪاءُ ڪنن مان ڪيڍي ڇڏيئي.

هتي هجر ۾ چاتيون چاٽيون، تون گهمين ٿو سينو تاڻيون،
ڏڪڙا منهنجا ڪو نہ ڪي ڏٺئي،
نڪاءُ ڪنن مان ڪيڍي ڇڏيئي.

وقت وفا جو هٿان وڃئي، ”پيرل قمبر“ ڪو نہ ڪجھ ڪيئي،
چو مٽيءَ تي موتي هي مٽيئي،
نڪاءُ ڪنن مان ڪيڍي ڇڏيئي.

**

سر جيسين ثابت آ،
ٿيندي تنهنجي نہ منهنجي جدائي.

مِهر وفا ۾ مربو جيئبو،
وِهہ گھِہ پاڻ ۾ گڏجي پيئبو،
ڪبي قرب ۾ ڪا نہ ڪچائي.

دنيا دولت اچڻي وڃڻي،
محبت ناهي ڪنهن ملهہ ملڻي،
آهي عشق امانت خدائي.

دنيا ڇا هڻندي ”پيرل“ جادون جفا جو،
ڪابو ڪيڙائي ڇڏبو ڪوٽ وفا جو،
در ٽپندي نہ دل جو دغائي.

**

سجڻ هي زلف تنهنجا جو، ڪري چُپ چُپ چُري پوندا،
هزارين نانگ ڪاريهرـ سِڌا دل تي سري پوندا.

ڏندن ۾ چنڊ جي چانڊوڪي، لبن ۾ لعل ٿو لڙڪي،
ڪٽين ٿو ناز مان نظرون، تہ منهنجو هانءُ ٿو ڌڙڪي،
ڪلين تہ خيال سان ڪلجان، مٿا ماڻهو مري پوندا.

نہ ڪڻ هي نيڻ دل وارا، شهنشاهي آ خطري ۾،
ڦڏي ڇڏ باز پيرون جا، پرين پنبڻين جي پڃري ۾،
چڪيئون جي ماس ماڻهو جو، هميشہ لئہ هِري پوندا.

چوي ”پيرل“ هتي ڪنهن چيز جو ير ڪال ڪونهي ڪو،
ڪيو ڪي قُربڙا پنهنجا اسان جو حال ڪونهي ڪو،
ڪندؤ جي ناز هي نازڪ، چُٽل ڦٽ هي ٽُڙي پوندا.

**

ساهه تہ پٽ ڪجهہ رات،
پرين من اچي بہ پوي.

ترس تہ هي مان صحن سجايان،
دل جي خوشن جا ديپ جلايان
مَنهہ ڪيان محلات، پرين من اچي بہ پوي.

پنڌو پوي جي تہ توکي پنان مان،
تنهنجي پيو بدلي ڪو نہ وٺان مان،
احد جبل عرفات، پرين من اچي بہ پوي.

”پيرل قمبر“ جي آس آ آتي،
ڇا جي اٿئي هي ٿم ٿم لاتي،
بيهہ تہ جهٽ برسات، پرين من اچي بہ پوي.

**

## سرائيڪي گيت

پيار آپڻي ڪُون مار پل ويسون،
اسان ڪنهن دي شهر نہ وَل ويسون.

پيار اِيوين نہ ڪو پَليندا اي،
دلڙي واپس نہ ڪو وَليندا اي،
ڪِيوين دل دي شمع ٻَليندا اي،
اسان آپَهين وِسامَ ٻَل ويسون.

سُور هُڻ پئي اسان ڪُون سپ سَهڻي،
باقي دل ڪِيا اسان ڪَنِي لَهڻي،
دنيا ماري اسان ڪون لک مهڻي،
اِنهي نُقطي ڪَنون نِڪل ويسون.

ڪِتلِي آپَت چَہ هُوندي هَئِي ڇَهہَ ٻہَ،
لڳي نوڪر جدائي دِي نَهہَ پَهہَ،
او ڪِيون پُڇدا اي ساڏِي خير صَلح،
صدمي سَهہَ آپَهين سنپل ويسون.

آپَڻِين جُورو جفا متا جَهل جَهل،
ڪِتان مقتول تي ڪِتان قاتِل،
اُنهُن جي سامهون ڏنا ”قمبر پيرل“
اسان اُنهُن دِي نظر ڪان ٽَل ويسون.

**

کھڙي سبب ڪان بند ڪِتي ني در تي گُذر ميڏي،
مُنھڙا ڏيکڻ ڪان پيي سِڪ دي اک دي آبر ميڏي.

ٻرھہ سِوا ٻي نہ بات ڍِي سُڌ ھي،
ميکون ھجِر والي رات ڍِي سُڌ ھي،
ڪانھين خبر ٻي ڪير چُرا ڳيا۔
صُبح آسُر ميڏي.

ڳُوڙَھين نان ھُجت ڪانھي پئي ھَلدي،
باھہ پاٽي وِچ ڪانھي پئي ٻَلدي،
افسوس اڄکلھہ چوڙ ڳَئي ڪِيئين۔
اشڪ اثر ميڏي.

دلڙي سڑِي جيئين ساھہ نہ چاوي،
ھِير ٹڌي ڪا ھانءَ ڪُون نہ لاوي،
ٹي تون خُدا اڄ بند ڪِتي ني۔
ڏکڙ اُتر ميڏي.

قُرب "پيرل" نان واھہ جو ڪِتي ني،
ڪُوڙي پَھر سپ ميڪُون ڈِتي ني،
قَسم ئَي سِر دا ڪيڏي ڪِتي ني۔
مِنڑي پَھر ميڏي.

**

هَنئڙي ٻَڏان مَين تيڪون اڱڻ ميڏي آندا ڪر،
لوڪَئُون لُڪ اي ليئَڙا پِيارل تون تہ پاندا ڪر.

زماني دا مين تاياَ هان، مَين سُورين دا ستايا هان،
رِڙڪ سِڙڪ تيڏي دگ تي پِڇي پيي مَين آيا هان،
آڳي هان مَين ماندا ڏاڍا، ماندي ڪُون نہ ماندا ڪر.

ڪِتان خوشنصيبي ميڏي ڪِتان ڪا خوشي هي،
وفا دي ذري نان ٻڌل اي ميڏي زندگي هي،
آکڻ مَين چَرئي دا ڪَڏهين، اکيان تي تون چاندا ڪر.

تيڏي در تون نِڪتي هون پيي، تِيڏي در تي آسون پئي،
ڏِکي ٿاٻي صدمي مِهڻي ”پيرل“ توڙي ڪاسون پئي،
عاشق سڙئي نان ڪڏهين، ڪِتَ ڪَس پيي ڪاندان ڪر.

**

# وايون

پُختا ڪجان مَن پير،
هي ٿو اُڏيو عشق اچانءِ.

منٿ ۾ مون کي موج آ ايندي،
ٿنگ پڇي ته ٻه ڪا نه آ ويندي،
هيراري جي هير.

مون سان ملڻ جا، مون سان ڪلڻ جا،
مون سان اٿڻ جا، مون سان ويهڻ جا،
پاڙي ڇا رکندا پير.

حق ته ڪنهن جا ڪو نه ڇنا مون،
نيّت مطابق تحفا ڏنا مون،
پاءُ ته ڪِن کي سير.

خالي شجر ڇا ”پيرل“ ڪلندا،
ميون جا وڻ، وڻ ئي رهندا،
ٻير نه ڏيندا پير.

**

اڇين ميهار تون اڄ وو يار!
سهڻي رُلي وئي سِير ۾.

حوت ٻنان هِت هيڪلي،
راهي نہ ڪو آ رڇ وو يار!
سهڻي رُلي وئي سِير ۾.

سُرت نہ ڪائي سرير ۾،
ماس هڏو ڪُل هڄ وو يار!
سهڻي رُلي وئي سِير ۾.

لهرن دڙ سِر لوڙهيو،
غوطن ڏِنڙو غشَ وو يار!
سهڻي رُلي وئي سِير ۾.

”پيرل“ هي سِڪ سون آ،
ڪوڙو پيار تي ڪچ وو يار!
سهڻي رُلي وئي سِير ۾.

**

مانيِ پڪي ڇڏ مر وو يار!
ڇَڏج نہ ساٿ سنگت جو.

ساڙ سڙيا هٿِ سڏ بہ نہ ڏيندئي،
دوست کوليندئي در وو يار!
ڇَڏج نہ ساٿ سنگت جو.

پيار محبت جا محل هزارين،
ناهي غرور جو گهر وو يار!
ڇَڏج نہ ساٿ سنگت جو.

قُرب سِوا تون ڪجهہ بہ نہ آهين،
سونا پائين ڪٽي پَر وو يار!
ڇَڏج نہ ساٿ سنگت جو.

پتو "پيرل" پو پِرت جو پوندئي،
ٻارڻ ڪان اڳ ٻر وَو يار.
ڇَڏج نہ ساٿ سنگت جو.

**

# ڪافيون

سرتيون مون کي ڏاج ڏيون اڄ ڏير ويا،
ورتيون منهنجو ساجن سي تہ سوير ويا.

مون کي ويا اڄ رڻ ۾ رُلايون،
مان سي ڪيون هيون تن سان کهڙيون مَتايون،
ترس نہ آيو تن کي، ويا جيءَ جلايون.

زوري ڪيون منهنجو حوت ڪنيون ويا،
ويندي نہ مُئيءَ کي هاٽي ساڻ ورتيون ويا،
بار سُورن جو منهنجي سِر تي سٿيون ويا.

سرتيون ويهي ڪيئن سينڌ مان ناهيان،
ريءَ سڄڻ جي کهڙا ويس مٿايان،
خاڪ مٿي ۾ مان تہ واري وسايان.

حق ناهي "پيرل" هتڙي رهان مان،
ڪاهيون سو ڪاهيون پٽيان حوت هلان مان،
پنهنجي پرين جي شل پاڙي مران مان.

**

پاڻ ڏسي وٺ پنهنجو تماشو صورت سپ سلطان.

ڪنهن کي ٻڌايئي سِر جو سوالي ڪنهن کي چوين سِر ڏي،
مالڪ تنهنجي راز ۾ لڪيل، هوش عقل حيران.

جڏهن ٻڌايئي هر شي فاني، ڪر فاني کي فنا،
آخر ڪيسيتائين رکندي جيئرو هيءَ جهان.

اول ڪان ئي الله رهيو آن، ڏک نہ ڏنو تي ڪو،
اڄ تہ دنيا جا ستم بہ سهہ، اڄ تہ ٿيءُ انسان.

**

ڊولا وو...! ڊولا وو...!
مان ڊولڻ جي، ڊولڻ منهنجو! ڊولا وو

پيار جي دل مان خوشبوءَ کوليان،
ساهه جو ساٿي ساهه ۾ ڳوليان،
عشق تہ وس ناهي ڪنهنجو ڙي الا، ڊولا وو

من ۾ پايان ليئڙا جهاتيون،
اکڙين ۾ ڪريان ان سان ڳالهيون،
پرين ڪري شل پنهنجو ڙي الا.. ڊولا وو

محب ملاءِ تون ديد سان ديدون،
پوريون ٿين منهنجي من جون اميدون،
توکي قسم آهي تنهنجو ڙي الا..ڊولا وو.

**

سورٺ فلم ۾ ڳايل استاد پيرل جي يادگار ڪافي، رونا ليلا جي آواز ۾.

# چوسٽا

اُٺاري پُڇ پٺائيءَ ڪان تہ بيتن جي بها ڇاهي،
اڪر جي ابتدا ڇاهي، اڪر جي انتها ڇاهي.
ٻُڌائيندي لطيفي لات جي زير و زبر توکي،
تہ بندي جي فنا ڇاهي ۽ بندي جي بقا ڇا آهي.

*

هي سنڌ جو دستور اسان ڇا لئہ رکيو آ،
هي مقصد ۽ منشور اسان ڇا لئہ رکيو آ.
تون پِير جو پن آهين جي پهاڙ پيو ٿي پئين،
فرهاد جو چنجور اسان ڇا لئہ رکيو آ.

*

هڪ پل جو پيو چوين تہ پري ٿي نہ ٿو سگهان،
تو سوا جهان ڪنهن ۾ جيءَ نہ ٿو سگهان.
تنهنجو وڇوڙو آهي "پيرل" وِهہ کان پيو وڏيڪ،
ٿي چار ڏُڪ زهر جا پيو مان پِيو نہ ٿو سگهان.

*

ڪو پنو تہ ناهين جو ڦاڙي ڇڏيان،
ڪو ڪانو تہ ناهين جو ساڙي ڇڏيان،
تون تہ منهنجي ذهن ۾ سدائين آن "پيرل"
ڪو ڳوڙهو تہ ناهين جو ڳاڙي ڇڏيان.

*

پيارا ڇڏي پراٽا! پرين ڪيئن نوان ڪبا،
هن فيصلي ۾ گڏ هتي پير و جوان ڪبا،
الفت جو ڏئي عشق کي "پيرل" سياهہ داغ،
ڪعبي ڏي پيلا پير سجڻ ڪيئن سوان ڪبا.

**

# بيت

هلين ٿو جي محبت ۾ تہ هُشناڪيءَ سان هل،
وِٽي نہ ڏي تون وصل جي پَهَر نہ وجهہ ڪو پل،
اڳي اسان جي عشق ۾ چاتي آ چَل وَل،
اهڙو ڪجان انگل، جيئن ”پيرل قمبر“ پورو ڪري.

❊

ڏُيرا ڏسي دڳ ۾ چو گام هٽي ٿو هي،
پيتي تہ نہ ٿي پنڌ ۾ ڪا پنگ ڪٽي ڪوهي،
پُڄان نہ تو ڪي پوءِ بہ توڙي گُهور ڪري گوهي،
سنگت هي ڊوهي، رک نہ ”پيرل“ سان پرين.

❊

پيار جو ”پيرل قمبر“ آهي آند نہ پاند،
هر ڪو اڄ هوشيار آ توڙي ڏسڻ ۾ آهي ڏاند،
واندو سڏين مون کي يا سڏين تون وِٽواند،
تہ بہ ڳچيءَ پايان پاند، منَ پرين تون پرچي پوين.

❊

محبت ۽ مينهن جي ناهي مُند مهل،
پيري رکجن پيار جون ”پيرل“ پَليون پل.
پورا ڪجن پِريَن جا اکين ساڻ انگل،
جي ڪِلي گهرن ڪَل، تہ لاهي لِڱن تان ڏجي.

❊❊

مسجد جوڙي سون، تنهنجي نيڻن ۾ پرين،
عشق امامت پيو ڪري پويان سِڪ صفون،
اڳيان آهين تون، ”پيرل“ آهيون پاڻ نماز ۾.

*

مُنجان سنيهو سجڻ ڏي ٿو ماڻهو هٿ ڏياري،
نياپو ته لک لهي پر ڏيندڙ نه ڪاري،
يا ته حرف هڪ هڪ چوندو ساري سنڀاري،
يا ته ڏُڏل ڪير به ايندو ڪَڙهه تي هاري،
”پيرل“ وجان پاڻ ها مان ڪَهي قطاري،
هاڻي ڳڻتي ٿي ڳاري، ته موٽي شل مُهت سان.

*

محبت اڳيان هڪ آ مَنهه ۾ محلات،
سولو ناهي پيار ۾ پيئڻ آبِ حيات،
”پيرل قمبر“ عشق آ شينهن ببر جو وات،
جيڪو ڪنڌ نه جهلي ڪات اهو آڏو اچي عشق جي.

*

ڇهرا گڏجن چار ته محفل رکي مان،
سڪ، سنگت، صِدق آ اوشاقي ايمان،
جي دل جو ملي دان ته سون وندو سائل ٿئي.

*

دلبر دغابازيءَ جا دل تي ڪيئي داءُ،
جاڻي سِڪ جا سير ها اتي پيار جا ناهن پاءُ،
”پيرل قمبر“ سنگت جا گُهتي وڏئي ساهُ
ڪنن مان نڪاءُ، ير نوڪي ڪڍيئي نڳيءَ سان.

**

# مسدس

ڪو وقت هو ڪنهن وقت ۾ مون يار ڪيو هو،
ڪجهہ ڪجهہ ٿي خبر پئي تہ مون بہ پيار ڪيو هو.

هن ڪي بہ سوا منهنجي تہ آرام نہ ڪو هو،
هر جاءِ تي هو صبح ڪٿي شام نہ ڪو هو،
ان بيوفا جي اکر ڪان بدنام نہ ڪو هو،
ڪنهن جي مٿان نفرت سندو الزام نہ ڪو هو،
محبت جو راز رُسوا سري عام نہ ڪو هو،
هن نينهن جو بدنام ڪٿي نام نہ ڪو هو،
آباد هي گڏجي ٻنهي گلزار ڪيو هو.

هُن ڪي نہ اچن ياد ٿا گذريل ڇو زمانا،
اڪين جي ها پنبڻين ۾ پليا دل جا فسانا،
سَوَ گل جي ملڻ لاءِ ها بلبل ڪي بهانا،
خطرن ڪان بچيل يار ها خوشين جا خزانا،
خطڙن ڪان اڳي ٿيندا ها پيغام روانا،
اڄ ڳوليان ٿو مان نينهن جا نيڻن سان نشانا،
سنگتي مون انهيءَ ڪان سڄو سنسار ڪيو هو.

گڏ جاني هو ان وقت ۾ جاني نہ جدا هو،
مان هن ڪان خفا ۽ نہ ڪي هو مون ڪان خفا هو،
مان هُن جو خدا ۽ هو منهنجو تہ خدا هو،
مان ان جو مقدر ۽ هو منهنجي تہ قضا هو،
مان باغ هو بلبل ڪلي ۽ بادِ صبا هو،
مان قسطو جهول سين اهو دستِ سخا هو،
مان پاڻ ڪي هر رنگ جو طلبگار ڪيو هو.

”پيرل قمبر“ کي دؤر عنايت تہ ملي پئي،
پِروَن جي اڳي واري بغاوت تہ ملي پئي،
حسرت جا هئي حَسِين سا حسرت تہ ملي پئي،
مايوس جي چهري کي مُسرت تہ ملي پئي،
دولت نہ کپي عشق ۾ عزت تہ ملي پئي،
آڪڙ نہ کپي نينهن ۾ نوڙت تہ ملي پئي،
هُن کي جو ڪنهين رات ۾ ايندي بہ ڏنو مون،
چا اسُر ۾ پرپات ۾ ايندي بہ ڏنو مون،
ڦُڙ ڦُڙ ۾ ۽ برسات ۾ ايندي بہ ڏنو مون،
روپوش جي حالات ۾ ايندي بہ ڏنو مون،
مون خوشيءَ ۾ سينگار تي سينگار ڪيو هو.

**

# اردو غزلیں

آتے ہی عشق دوستو! کیا کام کر گیا،
دل میں کسی کے ہجر کا اک داغ بھر گیا۔

اے قافلے والو! تمہیں چلنا ہے چل پڑو،
میری خوشی کا ملتوی، ہو کے سفر گیا!

بادل بتا کیوں روتے ہو دن رات فلک پر،
کیا میری طرح تیرا بھی شمس و قمر گیا!؟

غم آتے دل میں دیکھ کر کہتے ہیں لوگ،
کوزے میں یہ سمندر کیسے اتر گیا!؟

ہاتھوں سے خود ہی مار کر سب سے ہیں پوچھتے،
اس شہر میں وہ کون مسافر تھا مر گیا!؟

پتھر کو خالی چوم کے "پیرل" کروں گا کیا؟
جب دل کے ہر خزانے سے لعل و گُہر گیا!

**

اے عشق! تیرے واسطے کیا کیا نہ کررہا ہوں،
مر مر کے جی رہا ہوں، جی جی کے مر رہا ہوں!

یہ معجزہ ہے میری اس پاک دل لگی کا،
جتنا ہی ڈوبتا ہوں اُتنا اُبھر رہا ہوں!

دریا تھا میں تو پہلے اب درد کی ضرب سے،
کوزے میں کیسے دیکھو اب میں اتر رہا ہوں!

سائل ستم تھا جس کو کس نے نہیں دیا کچھ،
میں کر کے پیشِ خدمت اپنا جگر رہا ہوں!

جب سِرفروش سے وہ اک دم بنی ستمگر،
اب ان کے سائے سے بھی "پیرل" میں ڈر رہا ہوں۔

**

دل لگا کر ہے دل لگی کرلی،
پیدا اک خوامخواہ خوشی کرلی۔

اشک روکے رکھے تھے آنکھوں میں،
موت کے وقت مئہ کشی کرلی۔

تم کو آتے جو سامنے دیکھا،
بنِ وضو کے ہی بندگی کرلی۔

ہوتی ہے موت کی امانت جو،
نام تیرے وہ زندگی کرلی۔

تو نے مرنے نہیں دیا مجھ کو،
خوابوں خوابوں میں خودکشی کرلی۔

تاج تو سر پہ تھا "قمبر پیرل"
پھر بھی محسوس اک کمی کرلی۔

**

میں رویا اس کے ہی آنسو قسم بہانے پہ،
وہ مسکرایا نہیں میرے مسکرانے پہ۔

ابھی تو اٹھتی ہے گرتی ہے بیٹھتی ہے کہاں۔
بہت سنبھلتا تھا دل اس کے آنے جانے پہ۔

یہ ہی ہے ایک فضلیت بڑی مرے دل کی،
یہ خود ہے دُکھتا ہے اوروں کے دل دکھانے پہ۔

اُسی نےمیرے ہی رونے کو اکِ ہنسی سمجھا،
لگائیں اور کیا الزام اب زمانے پہ۔

کہاں میں ڈھونڈوں بھی قسمت کو اے قمبر پیرل!
وہ خود ہی مر گئیَ ہم دونوں کو ملانے پہ۔

**

حاضر ہوں میں مریض مسیحا مگر نہیں،
بس آج اس پرندے کو اُڑنے کے پَر نہیں!

کس کا گلا میں گھونٹ دوں اپنا یا غیر کا،
کل ہم سفر جو تھا آج وہ ہم سفر نہیں!

ای ہم نشینو! خوامخواہ کرتے ہو بحث کیوں؟
وہ کون دل کا مارا ہے جو در بہ در نہیں!

"پیرل" جُلوس کتنے تو وہ ہوگئے اِدھر اُدھر،
میرے ھئے ہی غم کبھي یہ منتشر نہیں!

**

پتھر کہا تو پاؤں سے سَر تک پگھل گئی،
یہ بات میرے منہ سے بھی کیسے نکل گئی۔

پوری طرح تو تارے بھی نکلے نہ تھے ابھی،
جو رات اب نہ ڈھلنی تھی کیسے وہ ڈھل گئی۔

تعجب ہے اُن کی نظر نے مجھ کو کیا اسیر،
گر کر میری نظر سے وہ کیسے سنبھل گئی۔

پہچانے آج جو بھی نہ "پیرل" کروں گا کیا،
تب تو پرائے دیس میں یہ جان جل گئی۔

**

بے خطا کو خطا دیجیے
دن میں دیپک جلا دیجیے

میں ہوں زندہ تو جھوٹا نہیں،
میں مروں تو گلا دیجیے

ایک غم دل کی قیمت نہیں،
دام اور کچھ بڑھا دیجیے

تجھ سے مانگوں وفا میں اگر،
دانت منہ میں دبا دیجیے

جب تو "پیرل" مسیحا نہیں،
زہر کر کے دوا دیجیے

**

کیا خبر تھی صُبح وقت شام تھا،
آنکھ تھی اور آنسوؤں کا جام تھا۔

بے وفا تھے ہم، وہی تھے باوفا،
یہ بہت اُلجھا ہوا الزام تھا۔

کرلیا آخر زلیخا نے خرید،
خوامخواہ یوسف ہوا بدنام تھا۔

سو میں لیتا چین سے کیسے سُکوں کی نیند،
وہ میرا آرام بے آرام تھا۔

دھرتی والوں نے کیا "پیرل" جدا،
کیا اِدھر لوح و قلم کا کام تھا!

**

آپ سے کیا دوستی کرنی پڑی،
زہر اپنی زندگی کرنی پڑی۔

عشق تیرے صدقے میں آخر مجھے،
دوستوں سے دشمنی کرنی پڑی۔

جاگ میں مرنے نہیں اُس نہ دیا،
خواب میں بھی خودکشی کرنی پڑی۔

اب جلایا قبر پہ اُس نے دِیا،
پتھروں پہ روشنی کرنی پڑی۔

وہ نہ ساقی ٹھہرا جو "پیرل قمبر"،
اپنی منہ سے مئکشی کرنی پڑی۔

**

اپنی نگاہِ ناز کا نقشہ بدل نہ دو،
جو چاند کا بھی چاند ہے، چہرہ بدل نہ دو۔

میں نے بھی تو پہاڑ جنگل دوستو مارے،
یہ قیس کا ملا ہوا رتبہ بدل نہ دو۔

لٹکایا خود کو میں نے کہیں تیرا گھر نہ ہو،
جو سر کے سر کیا ہے وہ سجدہ بدل نہ دو۔

میں نے تو خود چراغ ہتھیلی پہ ہے رکھا،
جس طرف سے بھی آئے تو جھونکا بدل نہ دو۔

شیشے کی طرح "پیرل" ہر دم رہا شفاف،
پردہ ہے تو نفس پہ، پردہ بدل نہ دو۔

**

نوحہ

ہر درد الم غم کو سینے کے بل سنبھالے،
اب شام کو چلے بس قیدی یہ شام والے۔

زنداں کے دروں سے آواز آ رہی تھی،
میں مر چکی ہوں عابد آکر مجھ اُٹھالے۔

کیا جرم ہے، جفا ہے، اک پاک بے ردا ہے،
سوجاؤ تم ستارو! اے چاند! منہ چھپالے۔

صحرا میں تین دن تک سب لاشیں بے کفن ہیں،
کوئی نہیں مسلماں آ کر انھیں اٹھالے۔

سجاد کو اے "پیرل" صابر نے یہ صدا دی،
جو ستم کو چھپالے ہر زخم کو سجالے۔

**

